روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com

(جلد 02) آچر 11 جون 2023 ع بمطابق 21 ذوالقعد 1444ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 17

نئين ٽيڪس کانسواءِ وڌيڪ متوازن بجيٽ ممڪن نه هئي: شهباز شريف

عالمي سپلائي چين ۾ رڪاوٽون ۽ جيو اسٽريٽجڪ تبديلين سبب پيدا ٿيندڙ چئلينجن سبب بجيٽ ٺاهڻ مشڪل هو

عمران نيازي پيدا ڪيل سياسي عدم استحڪام معيشت کي نقصان پهچايو، بجيٽ معيشت جي ڊگهي مدي وارين خرابين کي دور ڪرڻ جي شروعات آهي

اتحادي حڪومت صحيح شعبن کي ترجيح ڏني آهي جيڪي معاشي ترقي کي تيز ڪري سگهن، انهن شعبن کي به ترجيح ڏني آهي جيڪي سيڙپڪاري کي راغب ڪري سگهن

معيشت کي خود ڪفيل بڻائي سگهن. وزيراعظم شهباز شريف چيو ته مهانگائي کي نظر ۾ رکندي سرڪاري ملازمن کي پگهارون ۽ پينشنرز کي رليف ڏنو آهي

مهانگائي کي نظر ۾ رکندي گهٽ ۾ گهٽ اجرت 32 هزار رپيا ڪئي وئي آهي، ڪنهن به نئين ٽيڪس کانسواءِ موجوده حدن ۾ وڌيڪ متوازن بجيٽ ممڪن ناهي

مان انهن سمورن ماڻهن جو ٿورائتو آهيان جن ان مشق جو حصو بڻيو ۽ بجيٽ ۾ ڪردار ادا ڪيو. معيشت کي سڌارن جي سخت ضرورت آهي جيڪي مستحڪم سياسي ماحول ۾ ئي سگهن ٿيون

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وزيراعظم چيو آهي ته بوڏ رليف ۽ بحالي جي چيلينجز کي نظر ۾ رکندي ايندڙ بجيٽ ناهڻ خاص طور مشڪل ڪم هو وفاقي بجيٽ جي اعلان کانپوءِ وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته عالمي سپلائي چين ۾ رڪاوٽون ۽ جيو اسٽريٽجڪ تبديلين سبب پيدا ٿيندڙ چئلينجن سبب بجيٽ ناهڻ مشڪل هو شهباز شريف چيو ته عمران نيازي پيدا ڪيل سياسي عدم استحڪام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

سنڌ جي 22 کرب 43 ارب رپين جي ماليت جي بجيٽ پيش، پگهارن ۾ 35 سيڪڙو واڌ

سنڌ حڪومت ڪڻڪ جي فصل جي واڍ لاءِ ادائي مڻ جي ٻوريءَ جو امدادي اگهه 10 هزار روپيا مقرر ڪيو آهي: وڏو وزير

بجيٽ ۾ تعليم جي لاءِ 312.245 ارب روپيه رکيا ويا آهن جيڪي گذريل سال جي مقابلي ۾ 7 سيڪڙو وڌيڪ آهن

هلندڙ سال تعليم کاتو پرتين جو سال رهيو آءِ بي اي تحت 58 هزار پرائمري ۽ مڊل استاد ڀرتي ڪيا ويا

امن امان لاءِ گذريل سال 124.87 ارب روپين جي مقابلي ۾ موجوده بجيٽ ۾ وڌيڪ 15 سيڪڙو واڌ ڪئي وئي آهي

جيل کاتي جي عملي ۾ واڌ لاءِ اسان 463.414 ملين ۽ سنڌ پوليس جي بهتري لاءِ 2.796 ارب روپيه ملٽري گريڊ هٿيارن جي خريداري لاءِ رکيا آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جو 2244 ارب روپين جو بجيٽ پيش ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ سنڌ حڪومت مزدور جي گهٽ ۾ گهٽ اجرت 35 هزار 500 روپيه مقرر ڪري ڇڏي آهي جڏهن ته هڪ کان 16 گريڊ جي سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۾ 35 سيڪڙو، 17 گريڊ کان مٿي جي ملازمن جي پگهار ۾ 30 سيڪڙو واڌ ڪري ڇڏي آهي. وڏي وزير سرڪاري ملازمن جي پينشن 17.5 سيڪڙو وڌائڻ جو به اعلان ڪيو بجيٽ ۾ تعليم جي لاءِ 312.245 ارب روپيه رکيا ويا آهن. جيڪي گذريل سال جي مقابلي ۾ 7 سيڪڙو وڌيڪ آهن. هلندڙ سال تعليم کاتو پرتين جو سال رهيو آءِ بي اي تحت 58 هزار پرائمري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ڪراچي: سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه بجيٽ پيش ڪري رهيو آهي

خيبرپختونخواهه ۾ تيز برساتون، مختلف حادثن ۾ 16 ڄڻا فوت

بنون ۾ تيز برساتن سبب ڇتيون ۽ ڀتيون ڪرڻ جي مختلف واقعن ۾ فوتين جو انگ 11 ٿي ويو

لڪي مروت ۾ ڇتين ڪرڻ جي واقعن ۾ 5 ڄڻا فوت ۽ 10 کان وڌيڪ زخمي ٿي پيا

متاثر علائقن ۾ امدادي ڪارروائيون جاري آهن، زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو پيو وڃي: ڊي جي ريسڪيو

پشاور: خيبرپختونخواهه ۾ تيز برساتن سبب ٿيل تباهي جو ڏيک

پشاور (م د) خيبرپختونخواهه ۾ آنڌاري ۽ تيز برساتن جي نتيجي ۾ مختلف حادثن ۾ 16 ڄڻا فوت ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

سنڌ اسيمبلي ۾ وياج خورن خلاف قانون منظور ڪيو ويو

ڪراچي (م د) سنڌ اسيمبلي ۾ وياج خورن خلاف قانون منظور ڪيو ويو.سنڌ اسيمبلي وياج خورن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

پاڪستان ۽ چين جا لاڳاپا ڏاڍا ڪن ٽي ٻڌل آهن، سي پيڪ منصوبو خطي لاءِ اهم ثابت ٿيندو: بلاول ڀٽو

ٽي ٽي پي دهشتگردي ۾ ملوث آهي. دهشتگردن کي منهن ڏيڻ لاءِ افغان اختيارين سان رابطي ۾ آهيون

مستحڪم افغانستان پاڪستان ۽ خطي جي مفاد ۾ آهي. افغانستان جي نئين حڪومت مان پاڪستان کي گهڻيون اميدون آهن

پاڪستان دهشتگردي سبب سڀني کان وڌيڪ متاثر ٿيندڙ ملڪ آهي: پرڏيهي وزير

ڪراچي (م د) پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته پاڪستان ۽ چين جا لاڳاپا ڏاڍا ڪن تي ٻڌل آهن. سي پيڪ منصوبو خطي جي لاءِ اهم ثابت ٿيندو تجي ٽي وي چينل کي انٽرويو ڏيندي بلاول ڀٽو چيو ته پاڪستان ۽ چين جي لاڳاپا ڏاڍا ڪن تي ٻڌل آهن. چين ۽ پاڪستان ۾ اهم پائيداري آهي. روس سان به اقتصادي لاڳاپا چاهيون ٿا. پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو چيو ته ٽي ٽي پي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

ڪراچي: پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري (فائيل فوٽو)

سامونڊي طوفان جي شدت برقرار، آنڌاري ۽ ٻوڏ جو خطرو

سائيڪلون بائي پر جواءِ هن وقت 150 ڪلو ميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان اتر هندي سمنڊ ۾ موجود آهي

ايندڙ 24 ڪلاڪن تائين ان جي شدت ان ئي رفتار سان برقرار رهڻ جو امڪان آهي

امڪاني طور سامونڊي علائقا تيز آنڌاري، سامونڊي طوفان ۽ ٻوڏ جي وڪڙ ۾ اچي سگهن ٿا

ڪراچي (م د) مختلف عالمي موسمياتي ماڊلز ۽ جوائنٽ ٽائفون وارننگ سينٽر موجب سائيڪلون بائي پر جواءِ هن وقت 150 ڪلو ميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان اتر هندي سمنڊ ۾ موجود آهي ۽ ايندڙ 24 ڪلاڪن تائين ان جي شدت ان ئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

بجيٽ ۾ عوام کي ڪو رليف نه ڏنو ويو، قوم سان مذاق ڪيو پيو وڃي: شاهه محمود قريشي

عبوري حڪومت کي بجيٽ تي نظرثاني ڪرڻي پوندي، عوام کي ان بجيٽ ۾ ڪو رليف نه ڏنو ويو

اسحاق ڊار پاڪستاني معيشت جو هٽ مين آهي، بجيٽ ۾ چونڊن لاءِ پئسو رکيو ويو آهي

نيتن جي الله کي خبر، هن بجيٽ ۾ هر هر ترميم ٿيندي رهندي، پگهارن ۾ 30 کان 35 سيڪڙو واڌ ٿيندي

لاهور (م د) پي ٽي آءِ جي وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي چيو آهي ته نئين پارٽي جي لانچنگ اهڙي ئي آهي، جهڙي ايمرجنسي ۾ ديٽ آن ارائيول. لاهور ۾ صحافين سان ڳالهائيندي شاهه محمود قريشي چيو ته وفاق 12 مهينن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

پي ٽي آءِ وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي

ناڻي واري وزير پيٽروليم ليوي، ڊبي واري ڪير رڌ پچاءُ جي تيل تي لڳايل ٽيڪس جي وضاحت ڪري ڇڏي

پيٽروليم ليوي 50 روپيه وڌائڻ جي تجويز غور هيٺ نه آهي ۽ ڊبي واري ڪير تي 9 سيڪڙو ٽيڪس نه پيو لڳايو وڃي: اسحاق ڊار

ڪير تي سيلز لڳائڻ جي صرف تجويز هئي جنهن کي رد ڪيو ويو آهي. ناڻي واري وزير چيو ته ٽيڪس وڌائڻ سان مهانگائي ۾ واڌ نه ٿيندي

نوان ٽيڪس صرف 200 ارب روپين جا آهن جن ۾ 175 ارب ڊائريڪٽ ٽيڪسز آهن 9200 ارب روپين جو ٽيڪس حدف حساب ڪتاب سان رکيو آهي

اسلام آباد: وفاقي وزير اسحاق ڊار پوسٽ بجيٽ پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

اسلام آباد (م د) ناڻي واري وزير اسحاق ڊار پوسٽ بجيٽ پريس ڪانفرنس ۾ پيٽروليم ليوي، ڊبي واري ڪير ۽ رڌ پچاءُ واري تيل تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

آمريڪا ۽ سعودي جي ٿياڪڙي، سوڊان ۾ 24 ڪلاڪن جي جنگ بندي تي اتفاق

خرطوم (م د) سوڊان ۾ فوجي ڌرين 24 ڪلاڪن جي نئين جنگ بندي تي اتفاق ڪيو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

مفرور ۽ اشتهاري جوابدارن کي پڪڙڻ لاءِ سنڌ پوليس جا خاص قدم

ٽول پلازا تي ڇهري جي سڃاڻپ لاءِ خاص ڪئميرائون لڳايون وينديون: آءِ جي سنڌ

ڳوٺن واري ايپ ڪانپوءِ ٽول پلازا تي ٽريول آئيز لڳائڻ جو معاهدو ڪيو پيو وڃي

ڪراچي (م د) سنڌ جي مختلف شهرن مان 500 جي لڳ ڀڳ مفرور ۽ اشتهاري جوابدار گرفتار ڪيا ويا، آءِ جي سنڌ جو چوڻ آهي ته ٽول پلازا تي ڇهري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

حريم شاهه خلاف ڪيس داخل ڪرائڻ لاءِ صندل خٽڪ عدالت پهچي وئي

ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج اشفاق تاج درخواست تي ٻڌڻي ڪئي

حريم شاهه سوشل ميڊيا تي منهنجي خلاف منفي پروپيگنڊا ڪئي: درخواستگذار

پشاور: (م د) ٽڪ ٽاڪ سان تعلق رکندڙ ٽڪ ٽاڪ اسٽار صندل خٽڪ حريم شاهه خلاف ڪيس داخل ڪرائڻ لاءِ 122 اي جي تحت عدالت ۾ درخواست داخل ڪرائي ڇڏي آهي. ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج اشفاق تاج درخواست تي ٻڌڻي ڪئي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

تحريڪ انصاف جي دعويٰ غلط ثابت: بي آر ٽي منصوبو هڪ کرب خرچ ڪرڻ باوجود مڪمل نه ٿي سگهيو

3 سال مڪمل ٿيڻ وارا آهن پر نه اهو منصوبو مڪمل ٿيو نه ئي پنهنجن پيرن تي بيهي سگهيو: پرويز خٽڪ

منصوبي جي لاڳت هڪ کرب روپين کان وڌي وئي آهي. جڏهن ته هن کي ساليانو 2 ارب روپين کان وڌيڪ سبسڊي ڏني پئي وڃي

جاچ جي خواهشمند نگران حڪومت بي آر ٽي منصوبي جي جاچ تي سپريم ڪورٽ جو حڪم امتناع ختم ڪرڻ لاءِ درخواست ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي

اسلام آباد (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف طرفان بي آر ٽي سروس بابت سمورا دعويٰ اڌورا رهجي ويا. تحريڪ انصاف دعويٰ ڪئي ٿي ته بي آر ٽي بس سروس نه صرف سستو ترين منصوبو هوندو پر ان ۾ ملڪ جي ٻين شهرن ۾ هلندڙ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

سنڌ ۾ اليڪٽرڪ بسن جي خريداري بابت اجلاس

ٽرانسپورٽ واري وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ اجلاس ٿي گذريو

شرجيل ميمڻ اليڪٽرڪ بسن ۽ چارجرز جي فراهمي بابت ڄاڻ ورتي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي ٽرانسپورٽ واري وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ اليڪٽرڪ بسن جي خريداري بابت اجلاس ٿيو / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪراچي: سنڌ جي ٽرانسپورٽ واري وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس جو ڏيک

آءِ ايم ايف سان اسٽاف ليول معاهدو نه ٿيو ته سمورو بجيٽ اڌورو رهجي ويندو: شيخ رشيد

22 ارب ڊالر قرض جي ادائيگي ڪيئن ٿيندي؟ غريبن ۽ واپارين بجيٽ کي رد ڪري ڇڏيو آهي

بجيٽ ۾ روينيو حدف 9200 ارب روپيه رکيو ويو آهي ڪيئن پورو ٿيندو؟ جيڪڏهن انڊسٽريون نه هلنديون ته ايڪسپورٽ ڪيئن وڌندي؟

9 هفتن جي حڪومت جو اهو گلو ڊايل بجيٽ آهي. جڏهن پاڪستان ۾ سرمائيڪاري نه ڪندو ته پرڏيهي سرمائيڪاري ڪٿان کان ايندي

راولپنڊي (م د) عوامي مسلم ليگ جي اڳواڻ شيخ رشيد احمد چيو آهي ته آءِ ايم ايف سان اسٽاف ليول معاهدو نه ٿيو ته سمورو بجيٽ اڌورو رهجي ويندو شيخ رشيد پنهنجي ٽوئيٽ ۾ لکيو ته 22 ارب ڊالر قرض جي ادائيگي ڪيئن ٿيندي؟ غريبن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

عمران خان جي آمريڪا مخالف بيانن سبب آءِ ايم ايف سان معاهدو نه ٿي رهيو آهي: خرم دستگير

پاڪستان جي قرضن ۾ تحريڪ انصاف 90 سيڪڙو واڌ ڪئي جنهن سان پاڪستان جا وسيلا گهٽجي ويا

2019 ۾ آءِ ايم ايف سان ان وقت جي حڪومت سودو ڪيو پوءِ 2021 ۾ ان کي ٽوڙيو ويو

گذريل حڪومت جي واعدن جي ڀڃڪڙي سبب ڪير به پاڪستان مٿان ڀروسي جي لاءِ تيار نه آهي

اسلام آباد (م د) وفاقي وزير خرم دستگير چيو آهي ته عمران خان جي آمريڪا مخالف بيانن سبب آءِ ايم ايف سان معاهدو نه ٿي رهيو آهي. گوجرانوالا ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي توانائي واري وزير خرم دستگير چيو ته پاڪستان جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

گجرانوالا: توانائي وارو وفاقي وزير خرم دستگير پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ وڏي گهٽتائي سامهون آئي

ڪراچي (م د) ملڪ ۾ اڄ سون جي قيمت ۾ وڏي گهٽتائي سامهون آئي آهي آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب في تولي سون جي قيمت 2050 رپيا گهٽجڻ کانپوءِ 2 لک 27 هزار 250 رپيا ٿي وئي آهي. اهڙي ريت ڏهه گرام سون 1785 رپيا سستو ٿيڻ کانپوءِ هڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

احتساب عدالت آصف زرداري خلاف جعلي بينڪ اڪائونٽس ريفرنس نيب ڏانهن واپس اماڻي ڇڏيو

اسلام آباد جي احتساب عدالت جي جج محمد بشير عدالتي اختيار نه هجڻ تي چار ريفرنسز نيب ڏانهن واپس ڪري ڇڏيا

نيب قانون ۾ ترميم کان پوءِ اهو ريفرنس عدالت جي اختيار ۾ نٿو اچي ان ڪري احتساب عدالت ريفرنسز تي ٽرائل نٿي هلائي سگهي: فاروق ايڇ نائيڪ

عدالت اڳوڻي صدر آصف زرداري، فريال ٽالپر، حسين لوائي ۽ ٻين خلاف مني لانڊرنگ ريفرنس نيب ڏانهن واپس اماڻي ڇڏيو

اسلام آباد (م د) احتساب عدالت اڳوڻي صدر آصف زرداري خلاف جعلي بينڪ اڪائونٽس جو هڪ ٻيو ريفرنس عدالتي اختيار نه هجڻ تي نيب ڏانهن واپس اماڻي ڇڏيو اسلام آباد جي احتساب عدالت جي جج محمد بشير عدالتي اختيار نه هجڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

اسلام آباد: اڳوڻو صدر آصف زرداري (فائيل فوٽو)

لاش کي بڪتربند گاڏي سان ٻڌي گهمائيندڙ ايس ايڇ او معطل

پشاور (م د) خيبرپختونخوا پوليس موجب پشاور جي علائقي بڊ بير ۾ هڪ شخص جي لاش کي بڪتربند گاڏي سان ٻڌي روڊن تي گهمائڻ تي لاڳاپيل ٿاڻي جي سربراهه کي معطل ڪيو ويو آهي ذريعن موجب پشاور پوليس ترجمان محمد عالم ٻڌايو ته پشاور پوليس جي سربراهه سيد اشفاق انور واقعي جو نوٽيس وٺندي پوليس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڪراچي سپرهاءِ وي تي پوليس مقابلو، به اهلڪار شهيد

پوليس اهلڪار ڌوهارين جي اطلاع تي ال آصف اسڪوائر پرسان پهتا هئا

جوابدارن سان مقابلي ۾ به اهلڪار شهيد ٿيا، جن جي سڃاڻپ رحمت ۽ حڪيم جي نالن سان ٿي

ڪراچي (م د) ڪراچي سپرهاءِ وي تي ال آصف اسڪوائر پرسان پوليس مقابلي ۾ به اهلڪار شهيد ٿي ويا. ايس ايس پي ايسٽ موجب پوليس اهلڪار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

سنڌ جائي بريرا بلو اي ايس پي ٿي وئي

علم دين بلوچ جي نياڻي بريرا بلو جنرل ميرٽ تي سي ايس ايس ۾ ٽاپ ٽين ۾ ڪاميابي ماڻي

سنڌي نياڻي بريرا بلو لنڊن اسڪول آف اڪنامڪس جي پوزيشن هولڊر گريجوئيٽ آهي

رٽائرڊ ڪاموري علم دين بلوچ جي نياڻي بريرا بلو

پنو عاقل (ن س) ڪوٽ بلو واسي رٽائرڊ ڪاموري علم دين بلوچ جي نياڻي بريرا بلو جنرل ميرٽ تي سي ايس ايس ۾ ٽاپ ٽين ۾ ڪاميابي ماڻي اي ايس پي ٿي وئي آهي. سنڌي نياڻي بريرا بلو لنڊن اسڪول آف اڪنامڪس جي پوزيشن هولڊر گريجوئيٽ آهي. بريرا بلو شايد ٻهرين سنڌي نياڻي آهي جنهن ٽاپ ٽين ۾ پوزيشن حاصل ڪئي آهي. جنرل ميرٽ لسٽ ۾ بريرا بلو پاڪستان ۾ ستين ۽ سنڌ ۾ ٻهرين پوزيشن حاصل ڪئي آهي. ڪيس مختلف شهرن مان مبارڪون ڏيڻ جو سلسلو جاري آهي.

سنڌ بجيٽ، 500 بسن جي خريداري لاءِ 10 ارب رپيا مختص

سستي، محفوظ ۽ جديد سفري سهولتن لاءِ ڪوشش ڪري رهيا آهيون: وڏو وزير

سنڌ سيڪريٽريٽ جي ملازمن کي سفري سهولت ڏني وئي آهي، نون روٽن تي 60 ڪروڙ رپيا رکيا ويا آهن

ڪراچي (م د) سنڌ جي مالي سال 24_2023 جي بجيٽ ۾ ٽرانسپورٽ کاتي لاءِ 13.4 ارب رپيا رکيا ويا آهن. وڏي وزير بجيٽ پيش ڪندي چيو ته سستي، محفوظ ۽ جديد سفري سهولتن لاءِ ڪوشش ڪري رهيا آهيون. انترا ڊسٽرڪٽ پيپلز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ميئر لاءِ حافظ نعيم الرحمان نامزدگي فارم جمع ڪرائي ڇڏيو

ميئر جي چونڊ کان اڳ قانون ۾ ترميم ڪئي وئي، اسان ترميم خلاف ڪيس داخل ڪيو: حافظ نعيم الرحمان

هي اليڪشن نه آهي، ڌانڌلي جو سلسلو هلي رهيو آهي، جيڪي به ڪندا سڀ ناڪام ٿيندا

اليڪشن ڪميشن وٽ هڪ موقعو آهي ته هو پنهنجي ساک بحال ڪري

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي ڪراچي جي امير حافظ نعيم الرحمان ريجنل اليڪشن ڪميشن ۾ ميئر ڪراچي لاءِ نامزدگي فارم جمع ڪرائي ڇڏيا.ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي حافظ نعيم الرحمان چيو ته سياڻي سڄي پاڪستان ۾ احتجاج ڪرڻ وارا آهيون. سياڻي ڪراچي ۾ شاهراهه قائدين تي احتجاج ڪيو ويندو هن چيو ته هو دنيا کي پيپلز پارٽي جو چهرو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

سرڪاري ملازمن جي 6 منجمد الائونسز ۾ به وڌي واڌ

ڊيلي الائونس ۽ مائليج الائونس ۾ 50 سيڪڙو واڌ ڪئي وئي

آرڊرلي الائونس کي وڌائي 25 هزار رپيا ڪيو ويو

اسلام آباد (م د) گذريل ڏينهن بجيٽ ۾ حڪومت جتي سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۾ واڌ ڪئي، اتي ئي 6 منجمد الائونسز کي به وڌايو ويو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

دعون جي ابتڙ عوام دشمن بجيٽ پيش ڪيو ويو: محمد حسين محنتي

گذريل سال ڳاتي ٽوڙ مهانگائي جي مقابلي ۾ 21 فيصد مهانگائي جي شرح ٻڌائڻ ڪل جو ڳجو آهي

موجوده معاشي صورتحال کان مايوس ٿي قابل ۽ هنرمند پاڪستاني ملڪ ڇڏي ٻاهر پيا وڃن

پيٽرول جي قيمتن ۾ اضافي سان صنعتون ۽ ڪارخانا بند ٿيڻ جي ڪري وڏي انگ ۾ ماڻهن جي بيروزگار ٿيڻ جو خطرو وڌي ويو آهي

جماعت اسلامي سنڌ جي امير محمد حسين محنتي

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي سنڌ جي امير محمد حسين محنتي وفاقي حڪومت پاران مالي سال 24.2023 جي پيش ڪيل بجيٽ کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

بلوچستان جي بجيٽ 16 جون تي پيش ٿيڻ جو امڪان

مالي سال 2023_24 جي بجيٽ جو حجم 700 ارب رپين تائين پهچڻ جو امڪان آهي: ذريعا

ايندڙ مالي سال جي بجيٽ خسارو 150 ارب کان وڌيڪ رهڻ جو امڪان آهي، جڏهن ته ترقياتي بجيٽ 200 ارب رپين جي لڳ ڀڳ ٿي سگهي ٿي

بجيٽ ۾ 5 هزار کان وڌيڪ نوڪريون ڏيڻ ۽ سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۾ 30 سيڪڙو واڌ جي تجويز شامل آهي

ڪوئيٽا (مانيٽرنگ ڊيسڪ) بلوچستان جي ايندڙ مالي سال جي بجيٽ 16 جون تي پيش ڪرڻ جو امڪان آهي ناڻي کاتي جي ذريعن موجب مالي سال 2023_24 جي بجيٽ جو حجم 700 ارب رپين تائين پهچڻ جو امڪان آهي، بجيٽ ۾ آمدني جو ڪاٿو 529 ارب 32 ڪروڙ رپيا آهي ذريعن موجب ايندڙ مالي سال جي بجيٽ خسارو 150 ارب کان وڌيڪ رهڻ جو امڪان آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

لاهور: وزيراعظم شهباز شريف سان ايم اين اي عبدالغفار ڊوگر ملاقات ڪري رهيو آهي

ڀارت ترين حادثي، ماءُ جي موت جو ڪوڙ ڳالهائي امداد وٺڻ جي ڪوشش ڪندڙ نوجوان گرفتار

نئين دهلي (م د) ڀارت ۾ خوفناڪ ترين حادثي ۾ سوين ماڻهو اجل جو شڪار ٿي ويا، حڪومت طرفان فوتين جي وارثن لاءِ امدادي رقم جو اعلان ڪيو ويو آهي ۽ امدادي رقم حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي عزيز جي حادثي ۾ موت جو ڪوڙو ڊرامو روز سامهون اچي رهيو آهي، حال هڪ اهڙي نوجوان کي گرفتار ڪيو ويو آهي، جنهن حادثي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ترڪيه جي ميزائل فيڪٽري ۾ ڌماڪو، 5 ڄڻا مارجي ويا

انقرا جي ڀرپاسي واري علائقي ۾ موجود ميزائل ٺاهيندڙ فيڪٽري ۾ اوچتو ڌماڪو ٿيو

سڄي علائقي ۾ دونهين جا ڪڪر ڇانئجي ويا، ڌماڪي سان ويجهين عمارتن جا شيشا به ٽٽي پيا

انقرا (م د) ترڪيه جي ميزائل فيڪٽري ۾ ڌماڪي جي نتيجي ۾ 5 ڄڻا مارجي ويا. پرڏيهي خابرو اداري موجب راڄڌاني انقرا جي ڀرپاسي واري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

پنجاب حڪومت فوج جي مقرري جو حڪم واپس وٺي ڇڏيو

آرٽيڪل 245 تحت فوج جي مدد لاءِ مقرري جو نوٽيفڪيشن واپس ورتو وڃي: چيف اليڪشن ڪمشنر

10 مئي تي پنجاب صوبي ۾ فوج جي مقرري جو حڪم جاري ڪيو ويو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پنجاب حڪومت صوبي ۾ فوج مقرر ڪرڻ جو حڪم واپس وٺي ڇڏيو اسلام آباد جي چيف اليڪشن ڪمشنر گهرو وزارت کي درخواست ڪئي ته آرٽيڪل 245 تحت فوج جي مدد لاءِ مقرري جو نوٽيفڪيشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

سپريم ڪورٽ ۾ 2 نون ججن جي مقرري لاءِ اجلاس طلب

چيف جسٽس عمر عطا بنديال جي صدارت هيٺ جوڊيشل ڪميشن جو اجلاس 14 جون تي ٿيندو

چيف جسٽس مسرت هلالي جي سپريم ڪورٽ ۾ مقرري تي غور ڪيو ويندو: ذريعا

اسلام آباد (ويب ڊيسڪ) سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ۾ 2 خالي سيٽن تي نون ججن جي مقرري لاءِ اجلاس طلب ڪيو ويو ذريعن موجب چيف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

پاڪستان ۾ ايئر ٽيڪسي سروس شروع ٿي وئي

پاڪستان ۾ پهريون ڀيرو ايئر ٽيڪسي سروس شروع ڪرڻ لاءِ معاملا آخري مرحلي ۾ داخل ٿي ويا آهن: عمران اسلم خان

ايئر ٽيڪسي سروس استعمال ڪرڻ لاءِ آن لائن ايپليڪيشن به ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ دستياب ٿي ويندي

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان ۾ پهريون ڀيرو ايئر ٽيڪسي سروس 18 جون کان شروع ٿيندي. جنهن لاءِ 2 جديد جهاز ڪراچي پهچي ويا آهن خانگي هوائي ڪمپني اسڪائي ونگز ايوي ايشن جي سي او عمران اسلم خان موجب پاڪستان ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

نوشهروفيروز ۾ هيلٿ پروفيشنل پيراميڊيڪس سنڌ جي مرڪزي ڪابينه جو اجلاس

اجلاس ۾ اعجاز احمد ڪاڪيپوٽو، بشير احمد لاشاري، رياض احمد سومرو، محمد قاسم ڪوسو ۽ ٻين جي شرڪت

تنظيم جي ميمبرشپ وارو رهيل ڪم فوري طور پورو ڪري رجسٽريشن وارو ڪم مڪمل ڪيو ويندو: اڳواڻ

ان سان گڏ سڄي سنڌ جو دورو ڪري پيراميڊيڪل اسٽاف اندر بيداري مهم هلائيندي ويندي

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) هيلٿ پروفيشنل پيراميڊيڪس سنڌ جي مرڪزي ڪابينه جو اجلاس ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس نوشهروفيروز ۾ ٿي گذريو جنهن جي صدارت صوبائي صدر خادم حسين مستوئي ڪئي اجلاس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

نوشهروفيروز: اجلاس دوران اڳواڻ دعا گهري رهيا آهن

بدين پاڪستان اندروني توڙي بيروني سازشن جو شڪار آهي: فيصل نديم

سنڌ جو عوام هر دور ۾ مظلوم رهيو آهي سنڌ جا سمورا شهر بدترين ڪرپشن جي ڪري کنڊر بڻجي ويا آهن

وانن بي خوف ٿي لٽ مار ڪي جاري رکيو آهي ته ٻئي طرف سنڌ جي عوام جي مٿان ڌاڙيل راڄ قائم ڪيو ويو آهي

بدين (مرتضيٰ ميمڻ) پاڪستان اندروني توڙي بيروني سازشن جو شڪار آهي سنڌ کي ڌاڙيلن ۽ ڪرپٽ ماڻهن جي حوالي ڪيو ويو آهي اهڙو اظهار پاڪستان مرڪزي مسلم ليگ جي مرڪزي نائب صدر فيصل نديم بدين ۾ عام جلسي کي خطاب ڪندي ڪيو هن چيو ته سنڌ جو عوام هر دور ۾ مظلوم رهيو آهي سنڌ جا سمورا شهر بدترين ڪرپشن جي ڪري کنڊر بڻجي ويا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪري 77 لک رپين جي ڦرلٽ ڪيل سارين واپس ڪرايو وڃي: صداقت آرائين

روهڙي بائي پاس وٽان جوابدارن ٽرالر ۽ ڊرائيور کي اغوا ڪرڻ بعد اناج لاهي 24 ڪلاڪن بعد ٽرالر ڊرائيور سميت ڇڏي ويا

اهڙي واقعي جو ڪيس روهڙي ٿاڻي تي داخل ڪرايو آهي پر روهڙي ٿاڻي جي پوليس جوابدارن خلاف ڪا به ڪارروائي ناهي ڪئي

حاضري تي هاءِ ڪورٽ سکر مان نڪتس ته جوابدارن موٽروي ٿائين پيڇو ڪيو ۽ نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي

سکر (رپورٽ. امداد علي گل ڪلوڙ) رحيم يار خان جي رهواسي رائيس ملر صداقت آرائين مطالبو ڪيو آهي ته سنڌس ٽرالر جي چوري ڪندڙ ٿل پوليس ۽ ٻين جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪري 77 لک رپين جي ڦرلٽ ڪيل سارين واپس ڪرايو وڃي. سکر پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي صداقت آرائين چيو ته 4 مهينا اڳ 77 لک رپين جي ڪاٺمات سارين جي مال سان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

سکر: متاثر واپاري صداقت آرائين پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

ڏوڪري ٽائون ڪميٽي تي پ پ پاران

چيئرمين پرهه ڏڪڻ ۽ وائيس چيئرمين لاءِ

ايڊووڪيٽ قاضي ديدار جوڻيجو نامزد

ڏوڪري (رپورٽر) ڏوڪري ٽائون ڪاميٽي تي پيپلزپارٽي پاران چيئرمين پرهه ڏڪڻ ۽ وائيس چيئرمين لاءِ ايڊووڪيٽ قاضي ديدار جوڻيجو نامزد. تفصيل موجب ڏوڪري ٽائون ڪاميٽي تي پيپلزپارٽي تعلقي ڏوڪري جي جنرل سيڪريٽري ايڊوڪيٽ سردار علي ڏنو خان گاڏهي جي صدارت هيٺ گاڏهي هائوس تي مشاورتي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ڪشمور ضلعي جي ورڪس اينڊ سروسز جي بلڊنگ کاتي اندر بي قائدگين جي پٽ مار

ترقياتي اسڪيمون رشوت عيوض نيلام ڪيون ويون، ڪروڙين روپيا اڳواٽ ٺيڪيدارن کي جاري ڪيا ويا

ڪشمور ضلعي لاءِ 2022 ۾ جاري ڪيل بچيل بجيٽ جيڪا اڌ ارب کان وڌيڪ جون اسڪيمون جاري

فوري انڪوائري ڪرائي رشوت عيوض جاري ڪيل اسڪيمن جا ورڪ آرڊر رد ڪرايا وڃن: اڳواڻ

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ: غالب بلوچ) ڪشمور ضلعي جي ورڪس اينڊ سروسز جي بلڊنگ کاتي اندر بي قائدگين جي پڻ مار ترقياتي اسڪيمون رشوت عيوض نيلام ڪيون ويون ڪروڙين روپيا اڳواٽ ٺيڪيدارن کي جاري ڪيا وياهڙن خيالن جو اظهار ڀلڪاٽي اينڊ ڪمپني جي مالڪ ٺيڪيدار ديدار حسين سنڌ يار سان ڳالهائيندي ڪيو هن چيو بلڊنگس کاتي ۾ بطور انجينئر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ڏهرڪي تي پ پ پاران نامزد اميدوار ڄام زاهد حسين ڏهر بنا مقابلي ڪامياب

سياسي سماجي اڳواڻن ۽ سول سوسائٽي پاران ڄام زاهد حسين کي مبارڪباد ڏيڻ جو سلسلو جاري

ڄام زاهد حسين ڏهر کي ڏهرڪي شهر جو بنا مقابلي چيئرمين چونڊجڻ تي مبارڪباد ڏني وئي

حزب الله پتافي شوڪت علي ملڪ عامر جان ملڪ منير احمد سومرو ۽ ٻين مبارڪباد پيش ڪئي

ڏهرڪي (رپورٽر) ٽائون ڪاميٽي ڏهرڪي تي پ پ پاران نامزد اميدوار ڄام زاهد حسين ڏهر بنا مقابلي ڪامياب ٿي وين مقابلي ۾ ڪنهن به اميدوار فارم نه جمع ڪرايو سياسي سماجي اڳواڻن ۽ سول سوسائٽي پاران ڄام زاهد حسين کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ڏهرڪي: مڪاني چونڊن ۾ ڪاميابي ماڻيندڙن کي شهري مبارڪون ڏئي رهيا آهن

پيروسڻ پوليس پاران ڪاروائي

ڪري مشهور چور برڪت

جمالي کي گرفتار ڪري ورتو

ٺري ميرواهه (رپورٽر) پيروسڻ پوليس پاران ڪاروائي ڪري مشهور چور برڪت جمالي کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته گرفتار ٿيل چور برڪت پٽ اعجاز جمالي پاران پيروسڻ ٿاڻي تي پوليس آڏو 50 کان وڌيڪ ٽيوبويلن ۽ جنريٽرن مان سامان چوري ڪرڻ ۽ ڪيترين ئي سولر پليٽون ۽ ٻاڪرين جا ٻڪرا ۽ ٻڪرين جي چوري سميت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

سکر: 15 لک انعام رکيل ڌوهاري وزيرو عطرائي جتوئي پاڻ مرادو پوليس وٽ پيش

جوابدار پوليس وٽ پيش پيل ڌاڙيل قتل ڪيس اغوا ڦر چوري جي ڪيترن ڪيسن ۾ گهربل هو

پوليس ڪچي ۾ آپريشن ڪري رهي هئي سيئي لنگهه بند ٿيڻ بعد مجبور ٿي پوليس وٽ پيش ٿيو

وزيرو جتوئي جي عمر 70 سال هجڻ ۽ بيمار رهي پيوان ڪري هو هاٿي مجبوري طور پيش پيو آهي

سکر (رپورٽ. امداد علي گل ڪلوڙ) سکر پرسان باگڙجي جي ڪچي واري علائقي ۾ دهشت جي علامت بڻيل خطر ناڪ ڌاڙيل 15 لک سرڪار پاران سر تي انعام رکيل ڌوهاري وزيرو عطرائي جتوئي پاڻ مرادو سکر پوليس جي اسپيشل ٽيم جي انچارج علي محمد مهر وٽ پيش پيو ايس ايس پي سکر سنگهار ملڪ جي پريس ترجمان موجب پوليس وٽ پيش پيل ڌاڙيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ميرپور ساڪرو ۾ ملازمن جو احتجاج گوسڙو ملازمن کي ڊيوٽي جو پابند بنائڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

ٽائون ڪميٽي جا حاضر سروس ڊيوٽيون ڪندڙ ملازم گوسڙو ملازمن خلاف سراپا احتجاج بڻجي ميدان تي اچي ويا

ٽائون ڪميٽي ميرپور ساڪرو ۾ ٽوٽل 127 ملازمن آهن جن مان 57 ملازم گهر ويٺي پگهارون کڻن ٿا: مظاهرين

ٽائون ڪميٽي ساڪرو جي ملازمن ۾ سينيٽري ورڪرن جي به سخت ڪوٽ آهي، جيڪا فوري طور پوري ٿيڻ گهرجي

ٺٽو (رپورٽر) ميرپور ساڪرو ٽائون ڪميٽي جا حاضر سروس ڊيوٽيون ڪندڙ ملازم گوسڙو ملازمن خلاف سراپا احتجاج بڻجي ميدان تي اچي ويا، ملازمن جو احتجاج گوسڙو ملازمن کي ڊيوٽي جو پابند بنائڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي، ان سلسلي ۾ ٽائون ڪميٽي ميرپور ساڪرو جي حاضر سروس ڪم ڪندڙ ڪيترن ئي ملازمن ڊيوٽيون نه ڪندڙ گوسڙو ملازمن خلاف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ٺٽو: متاثر احتجاج ڪري رهيا آهن

روهڙي جي يونين آف جرنلسٽس

جي صدر عبدالجواد عباسي

جي سالگرهه تقريب

روهڙي (رپورٽر) روهڙي جي سينيئر صحافي روهڙي يونين آف جرنلسٽس جي صدر عبدالجواد عباسي جي سالگرهه روهڙي پريس ڪلب ۾ ملهائي وئي. سالگرهه تقريب ۾ سکر، روهڙي، سنگرار، صالح پٽ جي صحافين، سياسي، سماجي شخصيتن، شهرين ۽ نامور شاعرن اديبن شرڪت ڪئي ان موقعي تي سالگرهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

سکر: ڪسٽم کاتي جي ڪارروائي، 2 ڪروڙ رپين کان وڌيڪ نان ڪسٽم پيڊ آئٽمز برآمد

اي سي ڪسٽم سکر پاران اسمگلنگ کي روڪڻ لاءِ سکر ڪسٽم کاتي جون ڪارروايون تيزي سان جاري

ڪسٽم کاتي پاران اسمگلنگ ۽ اڻ ادا ڪيل ڪسٽم آئٽمز خلاف ڪارروايون جاري رهنديون

ڪارروائي دوران ڪشمش، ايراني ڪير پائوڊر، ايراني پلاسٽڪ رول، چائنا انوائيٽر ۽ خسخس هٿ ڪيو ويو

سکر (رپورٽ. امداد علي گل ڪلوڙ) ڪسٽم کاتي سکر جي گوليمار واري علائقي ۾ ڪارروائي، 2 ڪروڙ رپين کان وڌيڪ نان ڪسٽم پيڊ آئٽمز برآمد. تفصيل موجب ڊپٽي ڪليڪٽر ڪسٽم جي خاص هدايتن تي عمل ڪندي اي سي ڪسٽم سکر پاران اسمگلنگ کي روڪڻ لاءِ سکر ڪسٽم کاتي جون ڪارروايون تيزي سان جاري آهن. گذريل ڏينهن سکر جي گوليمار واري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

سکر ۾ ٿل جي رهواسي بهار ڪنڊراڻي پاران احتجاج

بااثر اسان خلاف ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي رهيا آهي: بهار ڪنڊراڻي

اسان غريب ۽ مسڪين آهيون، نوٽيس وٺي انصاف ڏياريو وڃي

سکر (رپورٽ. امداد علي گل ڪلوڙ) ٿل جي رهواسي بهار ڪنڊراڻي سکر پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته رحيم يار خان جي واپاري صداقت آرائين اسان تي ڪوڙو الزام هنيو آهي. اسان سارين سان ڀريل ٽرالر خريد ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

سيناڙجا جي آبادگارن پاران احتجاج، سخت نعريبازي

فصل ۾ جادوگر دوا جي استعمال سبب سڄو فصل سڙي تباهه ٿي ويو: آبادگار

معاملي جي انڪوائري ڪري ملوث ماڻهن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

سيناڙجا (رپورٽ: الطاف حسين پتو) سيناڙجا جي آبادگار سڪندر علي ڪبر پريس ڪلب پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته گذريل ڪٽڪ واري فصل ۾ جادوگر دوا جي استعمال سبب سڄو فصل سڙي تباهه ٿي ويو جنهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

سيناڙجا: متاثر آبادگار پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

ماهيگير ڪليل سمنڊ ۾ مڇي مارڻ کان پاسو ڪن: ڊپٽي ڪمشنر سڄاول

محفوظ هنڌن تي واپس وڃن ته جيئن ڪنهن به امڪاني اڻ وڻندڙ واقعي کان بچي سگهجي

طوفان سبب اڳ ئي سمنڊ ۾ موجود ماهيگيرن کي به خطري کان آگاهه ڪيو ويو آهي

سڄاول (رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر امتياز علي ابڙو ضلعي سڄاول جي ماهيگيرن کي سختي سان هدايت ڪئي آهي ته هو ڪليل سمنڊ ۾ مڇي مارڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

سکر پرسان جوابدارن پاران گهر تي حملو، 2 ڄڻا مرڻينگ، جوابدار فرار

اطلاع ملندي ئي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي زخمين کي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو

پوليس واقعي جي رپورٽ داخل ڪري جوابدارن جي ڳولا شروع ڪري ڇڏي

سکر (رپورٽ. امداد علي گل ڪلوڙ) سکر جي علائقي گوٽ لعل مشائخ جي شيخ محلا ۾ انڄاتل نقاب پوش هٿيار بندن علي بخش شيخ نالي شخص جي گهر تي حملو ڪري جابر علي ولد علي بخش ۽ بابر علي پٽ علي بخش کي چاقو جا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ٺٽون ديرو جي صحافي عبدالله ميراڻي جي امڙ ڊگهو عرصو بيمار رهڻ بعد لاڏاڻو ڪري وئي

نماز ۾ سياسي سماجي، مذهبي، ادبي صحافي هر مڪتب فڪر جي ماڻهن شرڪت ڪئي

محمد اياز چنا، محمد بخش مگنيجو، ضامن سمون ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ٺٽون ديرو (رپورٽر) ٺٽون ديرو پريس ڪلب جو سينيئر صحافي عبدالله ميراڻي جي امڙ ڊگهو عرصو بيمار رهڻ کان پوءِ هن فاني جهان مان لاڏاڻو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٺٽون ديرو: صحافي عبدالله ميراڻي جي امڙ جي جنازي نماز ادا ڪئي پئي وڃي

ڪنڊيارو بار ۾ شهيد وڪيل عبدالسلام لهراڻي جي ياد ۾ تقريب

فقير الطاف حسيني سيد مشتاق علي شاهه سيد ناياب حسين شاهه ۽ ٻين جي شرڪت

تقريب ۾ شهيد وڪيل عبدالسلام لهراڻي جي ايصال ثواب لاءِ قل شريف پڙهي دعا گهري وئي

ڪنڊيارو (رپورٽر) ڪنڊيارو تعلقه بار ۾ شهيد وڪيل عبدالسلام لهراڻي جي ياد ۾ تقريب ڪوٺائي وئي تقريب ۾ تعلقه بار ڪنڊيارو جي وڪيلن شرڪت ڪئي جن ۾ فقير الطاف حسيني سيد مشتاق علي شاهه سيد ناياب حسين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ايس ايس پي دادو پيرسن جي عيادت ڪرڻ لاءِ ڳوٺ رتو سولنگي پهتو

ٽڙڙي جادو شهيد ٿاڻي تي بااثر سميت ڇهن ڄڻن تي ڪيس داخل، هڪ جوابدار گرفتار

پيرسن کي رسن سان ٻڌي ڪيس جي تذليل ڪري سخت تشدد جو نشانو بڻايو هو

دادو (رپورٽ عزيز الله خاصخيلي) دادو لڳ ٽڙڙي جادو شهيد واسي پيرسن تي تشدد وارو معاصرو پيرسن جي دادرسي لاءِ ايس ايس پي دادو سنڌس جي گهر پهچي ويو دادو پوليس ترجمان موجب ايس ايس پي دادو ڊاڪٽر عبدالخالق پيرزادو متاثر پيرسن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

دادو: ايس ايس پي متاثر پيرسن جي عيادت ڪري رهيو آهي

اسان کي پوليس پاران سيڪيورٽي فراهم ڪيو وڃي: محمد يعقوب

اسان پنهنجي رپورٽ ناهي بالا آفيسر کي اماڻينداسين ته ماپ ڪرڻ جي جاءِ تي هنگامو ٿي پيو

قديمي امام بارگاهه مخدوم محمد هارون جي ايراضيءَ تي ڪجهه سالن کان تڪرار هلي رهيو آهي

ڪنڊرا (رپورٽر) ڪنڊرا جي مخدوم محمد هارون قبرستان ۽ قديمي امام بارگاهه مخدوم محمد هارون جي ماپ لاءِ روينيو کاتي جي ٽيم پهتي جنهن جي اڳواڻي سروي تپيدار محمد يعقوب بلو روينيو تپيدار شاهد ميراڻي ڪري رهيا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

خيرپور جي ناريءَ، شڪارپور جي نوجوان سان عدالتي پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو

پنهنجي راضي خوشي ۽ مرضي سان شريعت محمدي مطابق موجب نڪاح ڪيو آهي: ناري

چاچو نظر عرف حاجي اڃڻ ۽ الله بخش، منهنجا ۽ منهنجي مڙس جا ويري بڻجي ويا آهن

خيرپور (د ر) خيرپور جي ناريءَ، شڪارپور جي نوجوان سان عدالتي پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو، جوڙي جو ناري جي مائٽن خلاف احتجاج، تحفظ جو مطالبو خبر موجب خيرپور شهر عابد ڪالوني جي رهواسڻ نوجوان ناري مسمات ناظمه خاتون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ٺٽون ديرو: شاعر جواد جعفري جي فن، فڪر ۽ شخصيت تي ادبي ڪانفرنس

جواد جعفري کي ٻولي ۽ ادب جي خدمتن عيوض "لائف ٽائيم اچيومينٽ" ايوارڊ ڏنو ويو

جواد جعفري وٽ جيترو وڏو خيال آهي اوترائي وڻندڙ لفظ آهن: ڪمپيئر نصير مرزا

ٺٽون ديرو (رپورٽ شاد محمود پتو) لاڙڪاڻي ۾ معروف مرثيه نگار جواد جعفري سان رهاڻ: محبتن پريون پيتائون پيش: ٻن ڪتابن جي مهورت آرٽس ڪائونسل لاڙڪاڻي جي پتافي ادبي هال ۾ شاندار تقريب: جواد جعفري کي لائيف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ٺٽون ديرو: ڪانفرنس دوران اڳواڻ ڪتاب ڏيکاري رهيا آهن

بدين ۾ ڦر جي وارداتن جي خلاف ڳوٺاڻن پاران احتجاجي مظاهرو، ڌرڻو

سڪندر سومرو محمد موسيٰ سومرو محمد هاشم سومرو محمد قاسم سومرو ڦر واقعي خلاف احتجاج ڪيو

ڳوٺ اچي رهيا هئا ته رستي ۾ هٿيار بندن ڪين روڪي روڪ رقم ۽ موبائل فون ڦر ڪري ورتا ۽ فرار ٿي ويا: مظاهرين

معاملي جو نوٽيس وٺي ڦرجا جوابدار گرفتار ڪري سنڌن حق رسائي ڪرائي رهواسين مان بي چيني کي ختم ڪيو وڃي

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين ۾ ڦر جي وارداتن جي خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاجي مظاهرو ڌرڻو ڦر ڪيل سامان واپس ڏياري جوابدار گرفتار ڪرڻ جو مطالبو تفصيل موجب بدين پرسان ڳوٺ محمد موسي سومرو جي رهواسين سڪندر سومرو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

بدين: پريس ڪلب اڳيان ڳوٺاڻا احتجاج ڪري رهيا آهن

بدين ۾ ميونسپل ڪاميٽين ۽ ڏهن ٽائون ڪاميٽين تي چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين اميدوار طور فارم جمع

پيپلزپارٽي پاران ضلع چيئرمين لاءِ نامزد علي اصغر هاليپوٽو وائيس چيئرمين فداحسين منڊرو ڪورينگ لاءِ ۽ ٻين فارم جمع ڪرايا

ضلع جي جنرل سيڪريٽري حاجي سائين بخش جمالي، چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين طور ڊاڪٽر سجاد حسين چانڊيو پاران فارم جمع ڪرايا ويا

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين ضلعي ۾ مڪاني چونڊن ۾ ڪامياب اميدوارن پاران اڄ اليڪشن آفيس ۾ ضلع چيئرمين وائيس چيئرمين، ٻن ميونسپل ڪاميٽين ۽ ڏهن ٽائون ڪاميٽين تي چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين اميدوار طور فارم جمع ڪرايا ويا آهن. تفصيل موجب پيپلزپارٽي پاران ضلع چيئرمين لاءِ نامزد علي اصغر هالپوٽو وائيس چيئرمين فداحسين منڊرو ڪورينگ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ته حڪومت جي وعدي جي برعڪس ٽيڪسن سان ڀرپور بجيٽ آهي: محمد حسين محنتي

حڪومت عام ماڻهو کي رليف ۽ عوام دوست بجيٽ جي مقابلي ۾ عوام دشمن بجيٽ پيش ڪري صنعتڪارن، واپارين ۽ ملازمت پيشه ماڻهن کي سخت مايوس ڪيو آهي

موجوده معاشي صورتحال کان مايوس ٿي قابل ۽ هنرمند پاڪستاني ملڪ ڇڏي ٻاهر پيا وڃن گذريل سال پاڪستان کان ٻاهر ويندڙ ماڻهن جي شرح ۾ 200 فيصد اضافو ٿيو

اسان جي امپورٽ 60 ارب ڊالر بدران 30 ارب ڊالر آهي حڪومت درآمدات گهٽائڻ لاءِ پرتعيش ۽ غيرضروري شين تي پابندي لڳائڻ لاءِ ڪي به قدم ناهن کنيا

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) جماعت اسلامي سنڌ جي امير محمد حسين محنتي وفاقي حڪومت پاران مالي سال 2023.24 جي پيش ڪيل بجيٽ کي روايتي سرمائيداراڻي، وياج ۽ قرض جي معيشت قرار ڏيندي چيو آهي ته حڪومت جي وعدي جي برعڪس ٽيڪسن سان ڀرپور بجيٽ آهي. گذريل سال ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي جي مقابلي ۾ 21 فيصد مهانگائي جي شرح بڌائڻ ڪل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

احمد پور: درگاهه پير منل شاهه

بادشاهه جو ساليانو ٽن ڏينهن وارو

عرس مبارڪ ميلو پڄاڻي تي پهتو

احمدپور (رپورٽر) احمدپور لڳ مشهور درگاهه پير منل شاهه بادشاهه جو ساليانو ٽن ڏينهن وارو عرس مبارڪ ميلو پڄاڻي تي پهتو سنڌ ۽ پنجاب جي ملهه پهلوانن جا ملهه مقابلا، منثار بگٽي، ديدار جمالي، علي نواز ميتلو، بابر جمالي پهلوانن کي ملهون ماري مقابلا کٽي ورتا رپورٽ موجب احمدپور ويجهو مهيسر وڏا لڳ سنڌ جي مشهور صوفي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ڪراچي: جماعت اسلامي سنڌ جو امير محمد حسين محنتي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

بدين سمنڊ ۾ موجود سامونڊي طوفان بائيپرجوائي شدت اختيار ڪري چڪو

ڪنهن به وقت ٽڪرائيندڙ سامونڊي طوفان جي نقصان کان بچڻ لاءِ ضلعي انتظاميه لاڳاپيل کاتن کي الرٽ جاري

طوفان سان گڏ تيز برسات جو پڻ امڪان آهي سمورن لاڳاپيل کاتن ۾ موڪلون رد ڪري هاءِ الرٽ رهڻ جون هدايتون

سختي سان عمل ڪري پاڻ ۽ پنهنجي خاندان کي طوفان جي نقصان کان بچائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪندا رهن: اڳواڻ

بدين (مرتضيٰ ميمڻ) سمنڊ ۾ موجود سامونڊي طوفان بائيپرجوائي شدت اختيار ڪري چڪو آهي طوفان جو رخ سنڌ جي ساحلي علائقي ڏانهن آهي ڪنهن به وقت ٽڪرائيندڙ سامونڊي طوفان جي نقصان کان بچڻ لاءِ ضلعي انتظاميه لاڳاپيل کاتن کي الرٽ جاري ڪري ڇڏيا آهن طوفان سان گڏ تيز برسات جو پڻ امڪان آهي سمورن لاڳاپيل کاتن ۾ موڪلون رد ڪري هاءِ الرٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

سڄاول ۾ پ پ ايم اين اي سيد اياز علي شاهه شيرازي پاران شهر جو دورو

سڄاول ضلعي جي مختلف شهرن ۾ هلندڙ ترقياتي ڪم آهن: سيد اياز علي شاهه شيرازي

ڪمن ۾ ڪنهن به آفيسر ۽ ٺيڪيدار غفلت ڪئي ته ان کي برداشت نه ڪبو

شيخ ستار شاعر ممتاز ترڪ عمران شيخ حاجي ملاح ۽ ٻيا سوين شهري گڏ هئا

سڄاول (رپورٽر) پ پ ايم اين اي سيد اياز علي شاهه شيرازي سڄاول شهر جي وارڊ 10 ۽ ٻين جو اوچتو دورو ڪيو هلندڙ ترقياتي ڪم روڊ گٽر ۽ ٻيا ڪم ڏٺا هن ٺيڪيدارن کي هدايتون ڪيون ته رهيل ڪم جلد مڪمل ڪيا وڃن ۽ هن کان علاوه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ابراهيم حيدري ٽائون

پيلز پارٽي جو ڳڙهه

آهي: نظير پتو ۽ ٻيا

مليرا (رپورٽر) مڪاني ادارن جي چونڊن لاءِ نامزد اميدوارن پاران نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائڻ جو سلسلو جاري آهي ابراهيم حيدري ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن لاءِ پيپلز پارٽي جي نامزد چيئرمين نذير احمد پتو ۽ وائيس چيئرمين رفيق داڻود جت اسسٽنٽ ڪمشنر آفيس پهچي نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا پيپلزپارٽي جي اميدوارن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

سڄاول: پ پ ايم اين اي سيد اياز علي شاهه شيرازي شهر جو دورو ڪري رهيو آهي

شهدادڪوٽ ۾ مسجد جي دوڪان جي مسواڙ نه ڏيڻ ۽ مسجد جي دوڪان تي قبضي خلاف مظاهرو

پيش نماز حافظ امير حمزه جوڻيجو، ثناءُ الله بروهي، انور جواجه، ميان احمد الدين ميڪڻ ۽ ٻين ڌرڻو هنيو

دوڪان ۾ ڪيتري وقت کان مسواڙ تي ويٺل سڪندر بروهي دوڪان جي مسواڙ جا 21 هزار رپيا بند ڪري ڇڏيا: مظاهرين

دوڪان مٿان قبضو ڪرڻ چاهي ٿو، دوڪان جي مسواڙ نه ملڻ تي مسجد شريف جو وهنوار ٺپ ٿي ويو آهي

شهدادڪوٽ (شاهد اعوان) شهدادڪوٽ ۾ پراڻي اناج منڊي مسجد جي دوڪان جي مسواڙ نه ڏيڻ ۽ مسجد جي دوڪان تي مسواڙي پاران مبينا قبضي ڪرڻ واري عمل خلاف مسجد انتظاميا پاران احتجاجي مظاهرو ڪري پريس ڪلب پهچي ٿئهڙ اس ۾ ڌرڻو هنيو مسجد جي پيش نماز حافظ امير حمزه جوڻيجو ثناءُ الله بروهي، انور جواجه، ميان احمد الدين ميڪڻ ۽ ٻين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

دولتپور صفن ۾ برداري جي 13 سالن جي نينگري سيدا ثناءُ بيبي اغوا ٿيڻ خلاف احتجاجي ريلي

خلاف جي ڊبليو سي سڏ تي سوين شهرين استادن صحافين دوڪاندارن توڙي سياسي سماجي اڳواڻن جو ٿئهڙ اس ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

افسوس جي ڳالهه آهي سيدن جون نياڻيون به غير محفوظ آهن، پرائيويٽ اسڪول ۾ پڙهائيندڙ استاد بگهڙن جي ظلم جو شڪار آهن: مظاهرين

معصوم نينگريءَ کي هٿيارن جي زور تي اغوا ڪري نڪاح جو ڪوڙو ڊرامو رچايو ويو آهي، معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف ڏياريو وڃي

دولتپورصفن (رپورٽر) ويجهو ڳوٺ هوتجو واهڻ مان سيد برداري جي 13 سالن جي نينگري سيدا ثناءُ بيبي اغوا ٿيڻ خلاف جي ڊبليو سي سڏ تي سوين شهرين استادن صحافين دوڪاندارن توڙي سياسي سماجي اڳواڻن جو ٿئهڙ اس ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري دولت پور ٿاڻي آڏو ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي دولت پور پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي سيد برداري سان انصاف ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

خيرپور پرسان مبينا مبينا

پتو نه ڏيڻ تان شرپسندن

زميندار جا وڻ وڍائي ڇڏيا

خيرپور (رپورٽر) خيرپور پرسان ڳوٺ ڏونگر خان ڏونگرائي ۾ مبينا مبينا پتو نه ڏيڻ تان شرپسندن زميندار عرفان بلوچ ۽ ڏٽي بخش بلوچ جي زمين ۾ پوکيل انبن جا ڪيترائي وڻ وڍي لکين رپين جو نقصان ڪري فرار ٿي ويا، متاثر زميدارن جو احتجاج . تفصيل موجب خيرپور پرسان ڳوٺ ڏونگر خان ڏونگرائي ۾ مبينا پتو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

دولتپور صفن: احتجاج دوران اڳواڻ ڳالهائي رهيو آهي

مير بابر علي خان لنڊ جون پارٽي لاءِ وڏيون قربانيون آهن: سيد ڪميل حيدر شاهه

سندس ڪاوشن سان هن وقت گهوٽڪي ضلعو پاڪستان پيپلز پارٽي جو مضبوط ڳڙهه بڻجي ويو آهي

مير بابر لنڊ سيد ڪميل حيدر شاهه کي ضلع ڪائونسل سکر جو چيئرمين نامزد ٿيڻ جي مبارڪباد ڏني

ملاقات دوران سياسي صورتحال تي ڳالهيون مير بابر علي خان لنڊ جي ڪاوشن جي ساراهه

سکر (رپورٽ. امداد علي گل ڪلوڙ) پاڪستان پيپلزپارٽي گهوٽڪي ضلعي جي صدر مير بابر علي خان لنڊ پاڪستان پيپلزپارٽي جي ايم اين اي مهر برادري جي چيف سردار محمد بخش خان مهر وزير اعلي سنڌ جي معاون خصوصي سردار بنگل خان مهر اڳوڻي ايم پي اي عبدالرزاق خان مهر جي پاڪستان پيپلزپارٽي جي اڳواڻ ضلع ڪائونسل سکر جي نامزد چيئرمين سيد ڪميل حيدر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

آچر 11 جون 2023ع

نئين مالي سال جي وفاقي بجيٽ

ناڻي واري وفاقي وزير اسحاق ڊار مالي سال 24_2023ع جي 14 هزار 460 ربين جي بجيٽ قومي اسيمبليءَ ۾ پيش ڪري ڇڏي آهي. [illegible]

... ڏنو آهي، پر اهو ايترو ته ناڪافي آهي، جو ان سان مهانگائيءَ جي ستيل عوام تي ڪو گهڻو فرق نه پوندو. ڇو ته مهانگائيءَ جي اها ئي رفتار رهي ته رليف به مهانگائيءَ جو ٻارڻ بڻجي ويندو. وفاقي حڪومت جي بجيٽ ۾ 'فخريه پيشڪش' پورهيتن جي گهٽ ۾ گهٽ اجرت ۾ واڌ آهي. حڪومت طرفان سخاوت ۾ حاتم طائيءَ کي مات ڏيندي نئين سال جي بجيٽ ۾ پورهيتن جي گهٽ ۾ گهٽ ماهوار اجرت 32 هزار رپيا مقرر ڪئي وئي آهي. ڇا ملڪ جو خزاني وارو وزير ان رقم مان 6 ڀاتين جي مهيني جي بجيٽ ٺاهي سگهندو؟ اها رقم 6 ڀاتين ۾ ورهائجي ته هر ڀاتيءَ جي حصي ۾ ماهوار (30 ڏينهن) 5333 رپيا ايندا. روزاني جي حساب سان ان جي حصي ۾ ايندا 177 رپيا. رڳو ٽن ويلن جي ماني جو حساب ڪجي ته ان مان في ويلو 59 رپيا ٿئي ٿو ايترن پئسن ۾ هو پيٽ ڀري سگهي ٿو؟ ڇا ملندو ايترن پئسن ۾؟ گهر جي مسواڙ، يوٽيلٽي بل، علاج معالجو ڪپڙو لٽو، تعليم ۽ ٻيون ضرورتون ان کان علاوه آهن. انهن 32 هزارن مان ان غريب ڪٽنب جو ڪهڙو گذر ٿيندو؟

رياست سماج تي تعليم جي صورت ۾ خرچ ڪندي آهي، پر اسان وٽ وڌ ۾ وڌ نظرانداز ٿيل شعبو تعليم آهي. هلندڙ مالي سال جي قومي اقتصادي سروي ۾ اهو اعتراف ڪيو ويو آهي ته 2 ڪروڙ 30 لک کان وڌيڪ ٻار اسڪولن کان ٻاهر آهن ۽ تعليم تي جي ڊي پي جو 1.7 سيڪڙو خرچ ٿيو نسلن کي جاهل ۽ اڻ پڙهيل رکي، ان کان وڌيڪ عوام سان ٻيو ظلم ڪهڙو ٿيندو؟ نئين مالي سال دوران به صورتحال ڪا گهڻي مختلف نه آهي. اها ساڳي صورتحال صحت جي بجيٽ جي پڻ آهي.

هونئن ته هر بجيٽ لفظن جي شعبدي بازي ۽ انگن اکرن جو گورک ڌنڌو هوندي آهي. بجيٽ جا مبهم انگ اکر آهستي آهستي چٽا ٿي سامهون ايندا آهن. جيئن ته هيءَ بجيٽ به عالمي مالياتي اداري جي مشاورت سان ناهي ويئي آهي، ان ڪري عوام کي رليف وارين حڪومتي دعوائن جي حوالي سان پڻ ابهام موجود آهي. عوام جو اهو خدشو بيجا نه آهي ته جيڪو ڪجهه ڏنو ويو آهي، اهو 'مني بجيٽون' آڻي واپس ورتو ته نه ويندو؟ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته مهانگائيءَ جي شرح (جيڪا لڳ ڀڳ 38 سيڪڙي تائين پهتل آهي) جي حساب سان عوام کي رليف ڏنو وڃي، مهانگائيءَ کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ مڪينزم جوڙيو وڃي. صحت ۽ تعليم جي بجيٽ ۾ واڌ ڪئي وڃي.

بقايا 01 ***

ڪري ڇڏي آهي، پرويز خٽڪ چيو ته جهانگير ترين سان منهنجي ڪابه ملاقات نه ٿي آهي هن وقت مان سياسي معاملن تي ڳالهائڻ نٿو چاهيان. پرويز خٽڪ چيو ته مون کي جهانگير ترين جي پارٽي ۾ سيڪريٽري جنرل جي ڪابه آڇ نه ٿي آهي نه ئي وري مون ڪا آڇ قبول ڪئي آهي، هن چيو ته مان پنهنجي جڳهه تي آهيان ۽ صوبي ۾ پنهنجن سائين سان رابطي ۾ آهيان.

بقايا 02 ***

ناهڻ مشڪل هو شهباز شريف چيو ته عمران نيازي پيدا ڪيل سياسي عدم استحڪام معيشت کي نقصان پهچايو بجيٽ معيشت جي ڊگهي مدي وارين خرابين کي دور ڪرڻ جي شروعات آهي هن چيو ته اتحادي حڪومت صحيح شعبن کي ترجيح ڏني آهي جيڪي معاشي ترقي کي تيز ڪري سگهن، انهن شعبن کي به ترجيح ڏني آهي جيڪي سيڙپڪاري کي راغب ڪري سگهن ۽ معيشت کي خود ڪفيل بڻائي سگهن. وزيراعظم شهباز شريف چيو ته مهانگائي کي نظر ۾ رکندي سرڪاري ملازمن کي پگهارون ۽ پينشنرز کي رليف ڏنو آهي، هن چيو ته مهانگائي کي نظر ۾ رکندي گهٽ ۾ گهٽ اجرت 32 هزار رپيا ڪئي وئي آهي، ڪنهن به نئين ٽيڪس کانسواءِ موجوده حدن ۾ وڌيڪ متوازن بجيٽ ممڪن ناهي. وزيراعظم چيو ته مان انهن سمورن ماڻهن جو ٿورائتو آهيان جن ان مشق جو حصو بڻيو ۽ بجيٽ ۾ ڪردار ادا ڪيو، معيشت کي سڌارڻ جي سخت ضرورت آهي جيڪي مستحڪم سياسي ماحول ۾ ئي سگهن ٿيون، هن چيو ته چارٽر معيشت سياسي پارٽين لاءِ عوام جي خوشحالي جو واحد رستو نظر اچي رهيو آهي.

بقايا 03 ***

83 جي لڳ ڀڳ زخمي ٿي پيا. اطلاعن موجب بنون ۾ تيز برسات سبب ڇتيون ڪرڻ جي مختلف واقعن ۾ فوتين جو انگ 11 ٿي ويو آهي، جڏهن ته 73 ڄڻا زخمي ٿي پيا آهن. هوڏانهن لڪي مروت ۾ ڇتين ڪرڻ جي واقعن ۾ 5 ڄڻا فوت ۽ 10 کان وڌيڪ زخمي ٿي پيا آهن. اسپتال ذريعن موجب فوتين ۾ 4 ٻار ۽ هڪ عورت به شامل آهن. ڊي جي ريسڪيو 1122 ٻڌايو ته متاثر علائقن ۾ امدادي ڪارروايون جاري آهن. زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو پيو وڃي.

بقايا 04 ***

خلاف هڪ قانون منظور ڪيو آهي جنهن کان پوءِ ڪو به شخص يا گروهه روڪ رقم يا گاڏي وغيره وياج تي نه ڏئي سگهندو، وياج خوريءَ ۾ ملوث هجڻ تي عدالت ملڪيت ضبط ڪرڻ جو حڪم ڏئي سگهي ٿي، وياج خور کي گهٽ ۾ گهٽ 3 سال، ۽ وڌ ۾ وڌ 10 سال سزا به ٿي سگهي ٿي، ايڪٽ جي سيڪشن 3 دفعه 01 تحت وياج خور تي 10 لک رپيا ڏنڊ هوندو وياج خور لاءِ سهولتڪاري ڪندڙ به قيد ۽ ڏنڊ جي سزا ڀوڳيندو، ۽ قرضين کي هراسان ڪرڻ ۾ ملوث شخص کي 5 سال قيد جي سزا ۽ 5 لک رپيا ڏنڊ هڻيو ويندو.

بقايا 05 ***

وڌائڻ جو به اعلان ڪيو بجيٽ ۾ تعليم جي لاءِ 312.245 ارب روپيه رکيا ويا آهن. جيڪي گذريل سال جي مقابلي ۾ 7 سيڪڙو وڌيڪ آهن. هلندڙ سال تعليم کاتو ڀرتين جو سال رهيو آءِ بي اي تحت 58 هزار پرائمري ۽ مڊل استاد ڀرتي ڪيا ويا. سمورن استادن جي مقرري کان اڳ تربيت. شرح جي پاليسي تحت اسڪولن ۾ مقرر ڪيو ويو تعليم کي وڌيڪ مضبوط بنائڻ لاءِ 2 هزار 582 استادن جون جڳهيون پيدا ڪيون ويون آهن. وڏي وزير چيو ته نون ڀرتي ٿيل استادن کي گريڊ 9 کان 14 ۾ اپ گريڊ ڪيو ويندو. 27 پرائمري اسڪولن کي مڊل اسڪو ۽ مڊل اسڪولن کي سيڪنڊري اسڪولن جو درجو ڏنو ويو. 150 اسڪولن کي هائر سيڪنڊري اسڪولن ۾ اپ گريڊ ڪيو ويندو. 846 ملين روپين جي لاڳت سان 892 نئين نوڪرين جي منظوري ڏني ويندي، وڏي وزير ٻڌايو ته امن امان لاءِ گذريل سال 124.87 ارب روپين جي مقابلي ۾ موجوده بجيٽ ۾ وڌيڪ 15 سيڪڙو واڌ ڪئي وئي آهي، ايندڙ مالي سال ۾ امن امان لاءِ 143.568 ارب روپيه رکيا ويا آهن امن امان جي صورتحال بهتر ڪرڻ لاءِ 15.5 ملين روپيه پرائزن پاليسي اينڊ مينجمينٽ بورڊ لاءِ رکيا ويا آهن. جيل کاتي جي عملي ۾ واڌ لاءِ اسان 463.414 ملين ۽ سنڌ پوليس جي بهتري لاءِ 2.796 ارب روپيه ملٽري گريڊ هٿيارن جي خريداري لاءِ رکيا آهن بجيٽ پيش ڪرڻ دوران وڏي وزير چيو ته سنڌ جي معيشت جو دارومدار زراعت تي آهي. گذريل سال جي برساتن ۽ ٻوڏ سبب وڏو نقصان ٿيو ٻوڏ دوران تيار ٿيل زمينن ۽ فصلن کي تمام گهڻو نقصان پهتو زراعت سان جڙيل ماڻهن جو وڏو انگ بيروزگار ٿي ويو هارين کي 1258 زرعي اوزار 50 سيڪڙو سبسڊي تي ڏنا ويندا. + 41 ريگولر ۽ سولر پاور ٽيوب ويل رعايتي اگهن تي ڏنا ويندا. 10 ڪولڊ اسٽوريج يونٽ لڳايا ويندا. جڏهن ته ٿرپارڪر ۾ زمين اندر 25 سولر پمپ لڳايا ويندا.

بقايا 06 ***

دهشتگردي ۾ ملوث آهي. دهشتگردن کي منهن ڏيڻ لاءِ افغان اختيارين سان رابطي ۾ آهيون. مستحڪم افغانستان پاڪستان ۽ خطي جي مفاد ۾ آهي. افغانستان جي نئين حڪومت مان پاڪستان کي گهڻيون اميدون آهن. افغان اختيارين کان دهشتگردن خلاف سخت قدم کڻڻ جو مطالبو ڪيو آهي. بلاول ڀٽو چيو ته پاڪستان دهشتگردي سبب سڀني کان وڌيڪ متاثر ٿيندڙ ملڪ آهي. پاڪستان سميت سڄي دنيا موسمياتي تبديلين سبب متاثر ٿي رهي آهي. موسمياتي تبديلين سبب پاڪستان کي تمام گهڻو نقصان پهتو آهي. هن وڌيڪ چيو ته عراق سان معاشي ۽ واپاري شعبن ۾ لاڳاپا چاهيون ٿا. ٻنهي ملڪن وچ ۾ تاريخي، مذهبي ۽ ثقافتي لاڳاپا آهن. نجف اشرف ۾ جلد پاڪستاني قونصل خانو کوليندا سين.

بقايا 07 ***

رفتار سان برقرار رهڻ جو امڪان آهي. رپورٽ موجب ٻائي پر جواءِ سائيڪلون ڪراچي کان تقريبن 910 ڪلوميٽر ۽ ٺٽي کان 890 ڪلو ميٽر پري ڏکڻ ۾ موجود آهي ۽ پنهنجي مرڪز ۾ 150 ڪلوميٽر في ڪلاڪ جي رفتار برقرار رکيو پيو اچي، جنهن سان امڪاني طور ساموندي علائقا تيز آنڌاري، ساموندي طوفان ۽ ٻوڏ جي وڪڙ ۾ اچي سگهن ٿا. اين ڊي ايم اي اڳ ئي مئي ۾ باضابطا طور تي ساموندي طوفان بابت اختيارين کي آگاهه ڪري ڇڏيو هو ۽ ساموندي علائقن ۾ طوفان بابت تياري جي قدمن کي فعال طور انجام ڏيڻ تي زور ڏنو هو. هوڏانهن اين ڊي ايم اي جي ايمرجنسي سينٽر ۾ عالمي ماڊلز ذريعي ٻائي پر جواءِ جي اڳڀرائي تي مسلسل نگراني ڪئي پئي وڃي. امڪاني اثرن کي نظر ۾ رکندي ماڻهن کي صلاح ڏني وئي آهي ته موسمياتي حالتن کان آگاهه رهو ۽ سمنڊ کان پري رهو ڪنهن به هنگامي صورتحال ۾ مقامي اختيارين جي هدايت تي عمل ڪيو.

بقايا 08 ***

لڳايل ٽيڪس بابت وضاحت ڪري ڇڏي اسلام آباد ۾ پوسٽ بجيٽ پريس ڪانفرنس ڪندي اسحاق ڊار چيو ته پيٽروليم ليوي 50 روپيه وڌائڻ جي تجويز غور هيٺ نه

لڪير جي هُن پاسي!

اشفاق آذر

مرزا غالب فارسي ۾ هڪ غزل لکيو، جنهن کي صوفي غلام مصطفيٰ تبسم پنجابي ۾ ترجمو ڪيو، اهو غزل جڏهن غلام علي ڳايو ته امر ٿي ويو.

ميري شوق دا نئين اعتبار تينون
آجا ويک ميرا انتظار آجا_

ان شعر جي پوئين مصرعي ۾ جيڪڏهن انتظار بدران "انتقام" جو لفظ وجهجي ته اهو اڄوڪي سياسي صورتحال تي فِٽ ويهي ٿو. 9 مئي جا واقعا هٿن سان ناهيل هڪ گرينڊ سياسي پروجيڪٽ جي الميائي انجام ڏانهن پهرين ۽ بنيادي وک هئي. اسٽيبلشمينٽ سان سڌي ٽڪراءَ ۾ اچڻ کان اڳ پي ٽي آءِ قيادت کي اهو سوچڻ گهرجي ها ته ان جا نتيجا ڪهڙا نڪري سگهن ٿا پر ايترو تفصيل ۾ وڃڻ جي ڪنهن کي ضرورت ئي نه هئي، جو شايد هنن اهو سمجهي ورتو هو ته هجوم جي آڏو بيهڻ جي ڪنهن ۾ جرئت نه هوندي. هن ملڪ ۾ "حقيقي آزادي" جي نالي تي اهي ماڻهو انقلاب آڻڻ نڪتا هئا، جن وٽ نه تاريخي شعور آهي، نه هنن جي ڪا انٽليڪچوئل گرومنگ! نه هنن ڪڏهن روس، فرانس، ايران ۽ رومانيه جي انقلابن بابت پڙهيو، نه ڪين ان جي نتيجن جي ڪا خبر آهي. عمران خان جي پوئلڳن ٽوئيٽر تي ٽوئيٽس جو انقلاب برپا ڪري سمجهي ورتو ته اصل ۾ به ايئن ئي ٿيندو آهي ته ڏنڊا کڻي نڪري پئبو، باهيون لڳائبيون، پڇ ڊاهه ڪبي ته انقلاب اچي ويندو پر 9 مئي ڪانپوءِ سڀني ڏسي ورتو ته دنيا ۾ ڪامياب بغاوتون انقلاب سڏبيون آهن ۽ ناڪام انقلاب، بغاوت قرار ڏبا آهن. ٻنهي سان حشر ساڳيو ٿيندو آهي. روسي انقلاب جيڪڏهن ناڪام ٿئي ها ته اهو ئي نڪولس هجي ها ۽ انقلابين کي باغي قرار ڏئي گولين سان اڏايو وڃي ها. انقلاب ڪامياب ٿيو، ان ڪري نڪولس ۽ شاهي خاندان کي موت جو منهن ڏسڻو پيو. پلا پري نه وڃون، ترڪي جي صدر اردگان خلاف جڏهن فوجي بغاوت ناڪام ٿي ته پوءِ اردگان انهن سان جيڪو حشر ڪيو، سو ته دنيا آڏو آهي نه!

صورتحال اها آهي ته ملڪ ۾ هن وقت آئين ۽ سياسي حڪومت ٻئي غير موثر آهن پر بظاهر مارشلا ناهي. صورتحال اها به آهي ته هن وقت معاشي ۽ سياسي بحران به گڏ گڏ پيا هلن پر بظاهر ملڪ ڊفالٽ نه ٿيو آهي. سياست ته هونئن ئي گفتگو جو محور بڻيل آهي پر معيشت تي ڪوبه نٿو ڳالهائي، شايد هڪ سبب اهو به هجي ته معيشت تي ڳالهائڻ لاءِ هاڻ ڪجهه بچيو ئي ناهي. ڇا ڳالهائجي؟ آءِ ايم ايف جيڪي چيو، اهو ڪيو ويو. سڀ شرط پورا ڪرڻ باوجود به آءِ ايم ايف قرض جي قسط نه ڏني، پروگرام اڌ ۾ ختم ڪيو ويو. دوست ملڪ به ڪشڪول ۾ خيرات ڏيئي ڏيئي ٿڪجي پيا آهن. گذريل ڪجهه ڏهاڪن ۾ نه هن ملڪ کي سياسي استحڪام مليو ۽ نه ئي معاشي. سياسي تجربن ڪڏهن به معاشي پاليسين جو رخ طئي ڪرڻ نه ڏنو ان ڪري وقت سان گڏوگڏ اهو بحران خود هڪ بم جي شڪل اختيار ڪري ويو. اسان جي پاليسي سازن جو گهڻو تڪيو دارومدار پرڏيهي امداد تي رهيو، سرد جنگ جي دور کان وٺي افغان طالبان تائين جيئن ته هن خطي ۾ آمريڪا جي دلچسپي وڌيڪ هئي، تنهنڪري امداد جي صورت ۾ ڊالرن جي آمد جو سلسلو به جاري هو. پر آمريڪا جي افغانستان مان نڪري وڃڻ ۽ پاڪستان پاران پرڏيهي پاليسي ۾ شفٽ سبب پاڪ_ آمريڪا لاڳاپن جي متاثر ٿيڻ ڪانپوءِ امداد جو اهو در به بند ٿي چڪو آهي. خيرن سان پاڻ وٽ دنيا کي وڪرو ڪرڻ جا اهڙا وکر ناهن، جن سان ايڪسپورٽ وسيلي پرڏيهي ناڻي جي ذخيرن ۾ واڌ ڪري سگهجي، ان ڪري درآمدي شيون اسان جي پرڏيهي ذخيرن کي ڪاٽ هڻنديون رهيون آهن.

گذريل ڏينهن ملڪ جي بهترين معاشي ماهر ڊاڪٽر اڪمل حسين جو انٽرويو پڙهڻ لاءِ مليو، جنهن ۾ هن چيو ته گذريل سال ڊاڪٽر حفيظ پاشا گڏيل قومن جي ترقياتي پروگرام جي نيشنل هيومن ڊيولپمينٽ رپورٽ لکي آهي، جنهن ۾ هن ڪاٿو لڳايو آهي ته پاڪستان هر سال اشرافيه کي 2.66 کرب رپين جون مراعتون ڏيئي رهيو آهي. انهن مراعتن ۾ پگهارون شامل ناهن. هاڻي جنهن ملڪ جي معيشت جو ٻيڙو ٻڏل هجي، جنهن کي ڊيفالٽ جو خطرو هجي، ان ملڪ ۾ ساليانو 2.66 کرب رپيا اشرافيه جي عياشين تي خرچ ٿي رهيا آهن. جڏهن ڪانٽس پڇيو ويو ته ڇا آءِ ايم ايف کي اهو نظر نٿو اچي ته کربين رپيا اشرافيه جي عياشين تي خرچ ٿي رهيا آهن ته هن چيو ته آءِ ايم ايف جو ڊگهي مدي واري ترقي سان ڪو مطلب ناهي هوندو، هنن جو غرض اهو هوندو آهي ته جيڪو قرض هو ڏين ٿا اهو 5.4 سالن اندر واپس ٿئي، ان بعد ملڪ سان ايندڙ 20 سالن ۾ ڇا ٿو ٿئي، تنهن سان هنن جو تعلق ناهي هوندو. بنيادي طور تي هن ملڪ جي معيشت جو ڍانچو ئي خراب آهي، اها معيشت اميرن جي اتحاد جي معيشت آهي، جيڪا پرڏيهي قرض لاهڻ لاءِ قرض وٺڻ واري پاليسي تي هلي رهي آهي. هڪ نهايت سادي ڳالهه جيڪا سمجهڻ جي آهي ته ملڪ ۾ ڊالر نه هوندا ته جيڪي هتي ايڪسپورٽ ڪرڻ لاءِ شيون ٺهن ٿيون، تن جو خام ملڻ بند ٿي ويندو، نتيجي ۾ ايڪسپورٽ رڪجي ويندي، ملڪ ۾ تيل سان 60 سيڪڙو بجلي ٺهي ٿي، تيل پرڏيهه مان گهرايو وڃي ٿو، اهو ملڻ بند ته بجلي جي کوٽ، بجلي جي کوٽ ته ڪارخانا ڪٿان هلندا. پوءِ روزگار ۽ معيشت جو ڦيٿو ڪيئن ڦرندو، پر ڇڏيو انهن ڳالهين کي، ان تي ڪير ٿو سوچي، في الحال ته اهو آهي ته پي ٽي آءِ کي عبرت جو نشان ڪيئن بڻائڻو آهي، نئين پارٽي ۾ ساڳيا پراڻا چهرا ڪيئن فٽ ڪرڻا آهن.

ڪهاڻي پراڻي آهي پر ان کي دهرائيندڙ ٿڪجن نٿا. عمراني پروجيڪٽ مان هنن جيڪو نتيجو حاصل ڪيو، سو اهو ته وري نئين سر هڪ نئين پارٽي ٺا ناهيون. ان پارٽي ۾ ساڳيا اليڪٽيبلس ڪٺا ڪيا ويا آهن. جيڪي ان کان اڳ پي ٽي آءِ ۾ هئا ۽ جن کي صحافين آڏو پريڊ ڪرائي سياست تان ٽئي هٽ ڪٽايو ويو هو. انهن سڀني کي لڪير جي هن پاسي بيهاريو ويو آهي، اهو پاسو جيڪو اسٽيبلشمينٽ سان انتهائي وفاداري وارو پاسو آهي. جيڪو لڪير جي ٻئي پاسي آهي، اهو محب وطن نه پر غدار آهي. ماضيءَ ۾ ٻين سياسي پارٽين لاءِ به اهڙيون لڪيرون نڪري چڪيون آهن، جن ۾ پيپلز پارٽي پيٽريات به آهي، ق ليگ به آهي، پاڪ سرزمين پارٽي به آهي ۽ هاڻ استحڪام پاڪستان پارٽي! سوال اهو آهي ته هن ملڪ ۾ گذريل 75 سالن کان استحڪام نه اچي سگهيو آهي ته ان جي سببن تي ويچارڻ ۽ ان کي ٺيڪ ڪرڻ بدران جيڪي نيوٽرل آهن، جيڪي غير سياسي آهن، تن هڪ ٻئي پروجيڪٽ جو آغاز ڪري ڇڏيو آهي، اهو ڄاڻندي به ته ڪنهن سياسي پارٽي جو نالو استحڪام پاڪستان رکڻ سان ملڪ ۾ استحڪام نٿو اچي سگهي. هڪ وڌيڪ تجربو ڪرڻ جي تياري شروع ڪئي وئي آهي. اهو سياسي شوق هنن کان وڃي ڪونه ٿو جيڪو اسٽيبلشمينٽ جو مفاد آهي، اهو ئي قومي مفاد آهي. اڄڪلهه پي ڊي ايم جون پارٽيون پي ٽي آءِ جي حشر نشر تي خوش آهن، ڪين جمهوريت، عوام جي ڳڻتي کان وڌيڪ ان ڳالهه تي سرهائي آهي ته هو لڪير جي هن پاسي بيٺل آهن. رهي ڳالهه معيشت جي ته اسحاق ڊار توهان کي ڪالهه ٻڌائي ڇڏيو آهي ته ڪهڙين شين تي سڌا ۽ اڻ سڌا ٽيڪس لڳي رهيا آهن. عوام کان اوڳاڙي ڪري اشرافيه جي معيشت جو اتحاد ڪيئن برقرار رکڻو آهي، ان لاءِ اڄوڪي اخبار جو پهريون صفحو ملاحظ ڪريو!

آهي ۽ ڊبي واري ڪير تي 9 سيڪڙو ٽيڪس نه پيو لڳايو وڃي جڏهن ته ڍڳ بچاءَ جي تيل تي سيلز ٽيڪس نه لڳايو ويندو هن چيو ته ڪير تي سيلز لڳائڻ جي صرف تجويز هئي جنهن کي رد ڪيو ويو آهي. ناڻي واري وزير چيو ته ٽيڪس وڌائڻ سان مهانگائي ۾ واڌ نه ٿيندي. نوان ٽيڪس صرف 200 ارب روپين جا آهن جن ۾ 175 ارب ڊائريڪٽ ٽيڪسز آهن 9200 ارب روپين جو ٽيڪس حدف حساب ڪتاب سان رکيو آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ ناڻي واري وزير چيو ته اوهان ليڪيدار آئيو جيڪو 12 هزار ارب روپين جو ٽيڪس گڏ ڪري ڇڏي اسان ايف بي آر کي هڪ سال جي مرڪل تي اماڻي ٿا ڇڏيون.

بقايا 09 ***

جي بجيٽ ڏني ۽ پنجاب 4 مهينن جي بجيٽ جو فيصلو ڪيو عبوري حڪومت کي بجيٽ تي نظرثاني ڪرڻي پوندي. عوام کي ان بجيٽ ۾ ڪو رليف نه ڏنو ويو بجيٽ جي نالي تي قوم سان مذاق ڪيو پيو وڃي. هن چيو ته اسحاق ڊار پاڪستاني معيشت جو هٿ مين آهي. بجيٽ ۾ چوندن لاءِ پئسو رکيو ويو آهي. تيئن جي الله کي خبر، هن بجيٽ ۾ هر هر ترميم ٿيندي رهندي. پگهارن ۾ 30 کان 35 سيڪڙو واڌ ٿيندي، پئسو ڪٿي آ توهان وٽ؟ بجيٽ ۾ ساڍا 600 ارب رپين جو سرپلس ڏيکاريو ويو آهي. اهو ڪٿان ايندو؟ سندس چوڻ هو ته 12 آگسٽ تي موجوده پارليامينٽ جو مدو پورو ٿي رهيو آهي، تنهن ڪري چوندون ته ٿيڻيون آهن. هاڻ جيڪڏهن آئين کان مٿاهون ڪو ڪم ٿيندو ته مان ڇا ٿو ڪري سگهان. جهانگير ترين جي پارٽي جي حوالي سان شاهه محمود قريشي چيو ته نئين پارٽي جي لانچنگ اهڙي ٿي آهي، جيئن ايمرجنسي ۾ ديت آن ارائيول.

بقايا 10 ***

درخواستگذار صندل خٽڪ درخواست ۾ لکيو آهي ته حريم شاهه سوشل ميڊيا تي منهنجي خلاف منفي پروپيگنڊا ڪئي، درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته ايف آءِ اي کي به آگاهه ڪيو ويو پر ڪوبه داد فرياد نه ٿيو صندل خٽڪ عدالت کي استدعا ڪئي ته ايف آءِ اي کي حريم شاهه خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم ڏنو وڃي. درخواستگذار عدالت کان استدعا ڪئي ته ڌمڪيون ملي رهيون آهن. عدالت سيڪيورٽي ڏيڻ جو حڪم ڏئي. جنهن کان پوءِ عدالت صندل خٽڪ جي درخواست ٻڌڻ جوڳي نه هجڻ تي رد ڪري ڇڏي.

بقايا 11 ***

جي سڃاڻپ لاءِ خاص ڪئميرائون لڳايون وينديون. آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ جي صدارت هيٺ اجلاس ٿيو جنهن ۾ مفرور ۽ اشتهاري جوابدارن جي رڪارڊ جو جائزو ورتو ويو. آءِ جي سنڌ چيو ته ڳولا واري ايپ ڪاٿيو، ٽول پلازا تي ٽريول ائيز لڳائڻ جو معاهدو ڪيو پيو وڃي، چهري جي سڃاڻپ لاءِ خاص ڪئميرائون لڳايون وينديون، ڊيٽا جي موجودگي سان قانون جي پڪڙ مضبوط ٿي ويندي. هن هدايت ڪئي ته مفرور جوابدارن کي اشتهاري قرار ڏيڻ لاءِ قدم کنيا وڃن ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي جاويد عالم اوڊي اجلاس کي بريفنگ ڏيندي چيو ته ڌوهارين خلاف ڪريڪ ڊائون ۾ تيزي آندي وئي آهي. مجموعي طور تي 476 مفرور ۽ 44 اشتهاري جوابدار گرفتار ڪيا ويا. بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته ويسٽ زون ۾ 208 مفرور ۽ 20 اشتهاري جوابدار گرفتار ٿيا. ايسٽ زون مان 143 مفرور ۽ 9 اشتهاري ۽ ڏکڻ زون مان 125 مفرور ۽ 15 اشتهاري جوابدار گرفتار ڪيا ويا. اجلاس کي ٻڌايو ويو ته حيدرآباد ۾ 277 مفرور ۽ 70 اشتهاري، سکر مان 158 مفرور ۽ 45 اشتهاري، لاڙڪاڻي مان 129 مفرور ۽ 129 اشتهاري، جڏهن ته ميرپورخاص مان 56 مفرور ۽ 4 اشتهاري گرفتار ڪيا ويا.

بقايا 12 ***

آمريڪا ۽ سعودي عرب جي ثالثي ۾ نئين جنگ بندي اڄ کان شروع ٿيندي، معاهدي تحت ڌريون فوجي دستن جي چرپر، جهازن يا ڊرونز جي استعمال، توپ خانا ۽ فضائي حملن کان پاسو ڪنديون، جنگ بندي دوران عسڪري امتياز حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪرڻ تي به اتفاق ڪيو ويو آهي. آمريڪا ۽ سعودي عرب جو چوڻ هو ته جيڪڏهن سوڊان جي جنگ وڙهندڙ ڌريون نئين جنگ بندي جي پابندي نه ڪئي ته سهولتڪار جدو ڳالهيون ملتوي ڪري ڇڏيندا.

بقايا 13 ***

ميٽرو بس منصوبن جيان سبسڊي پڻ ڏني ويندي. بس سروس کي شروع ٿيندي 34 مهينن جو وقت گذري چڪو آهي، اهڙي طرح سمورين دعوائن غلط ثابت ٿيون، منصوبو اڃان تائين مڪمل نه ٿي سگهيو آهي جڏهن ته ان جي لاڳت هڪ کرب روپين کان به ٽپي وئي آهي، اڳوڻي وڏي وزير پرويز خٽڪ دعويٰ ڪئي هئي ته بي آر ٽي آءِ حڪومت جو ميگا پروجيڪٽ بي آر ٽي پراجيڪٽ سڄي دنيا جي مقابلي ۾ گهٽ لاڳت، تيز ترين تعمير ٿيندڙ ۽ پنهنجا خرچ پاڻ برداشت ڪندڙ منصوبو هوندو پر صورتحال ان جي ابتڙ آهي 3 سال مڪمل ٿيڻ وارا آهن پر نه اهو منصوبو مڪمل ٿيو نه ئي پنهنجن پيرن تي بيهي سگهيو منصوبي جي لاڳت هڪ کرب روپين کان وڌي وئي آهي، جڏهن ته هن کي ساليانو 2 ارب روپين کان وڌيڪ سبسڊي ڏني پئي وڃي، جاچ جي خواهشمند نگران حڪومت بي آر ٽي منصوبي جي جاچ تي سپريم ڪورٽ جو حڪم امتناع ختم ڪرڻ لاءِ درخواست ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي.

بقايا 14 ***

ٽرانسپورٽ کاتي جي ترجمان موجب اجلاس ۾ سيڪريٽري ٽرانسپورٽ سليم راجپوت ۽ ٻين عملدارن شرڪت ڪئي ٽرانسپورٽ کاتي جي ترجمان موجب چارلس ڪائو چيني ڪمپني طرفان بريفنگ ڏني ۽ شرجيل ميمڻ اليڪٽرڪ بسن ۽ چارجرز جي فراهمي بابت ڄاڻ ورتي ان موقعي تي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته جيڪڏهن چيني ڪمپني سنڌ ۾ پلانٽ لڳائڻ چاهي ٿي ته هو هر قسم جي مدد ڪندا. سنڌ حڪومت ڪمپني کان اليڪٽرڪ بسون به خريد ڪندي، هن چيو ته سنڌ حڪومت سيڙپڪارن کي هر قسم جي مدد فراهم ڪندي ۽ مختلف ڪيسن ۾ سبسڊي پڻ ڏني ويندي. صوبائي وزير چيو ته اليڪٽرڪ بسن جي خريداري لاءِ روزاني جي بنياد تي ڪم ڪيو پيو وڃي، عوام ان سهولت مان جلد فائدو حاصل ڪري سگهندو، هو سڄي سنڌ ۾ اليڪٽرڪ بس ۽ اليڪٽرڪ ٽيڪسي سروس شروع ڪرڻ چاهين ٿا.

بقايا 15 ***

۽ واپارين بجيٽ کي رد ڪري ڇڏيو آهي. بجيٽ ۾ روينيو حدف 9200 ارب روپيه رکيو ويو اهو ڪيئن پورو ٿيندو؟ جيڪڏهن انڊسٽريون نه هلنديون ته ايڪسپورٽ ڪيئن وڌندي؟ شيخ رشيد چيو ته 9 هفتن جي حڪومت جو اهو گلو دٻايل بجيٽ آهي. جڏهن پاڪستان ئي سرمائيڪاري نه ڪندو ته پرڏيهي سرمائيڪاري ڪٿان کان ايندي. شيخ رشيد وڌيڪ چيو ته وزيراعظم شهباز شريف جي تقرير پنهنجي ناڪامي جو اعتراف هئي. ڪشڪول کڻڻ باوجود هٿن کي سڄي دنيا مان خيرات نه ملي سياسي استحڪام کان سواءِ بجيٽ ناڪام آهي. حڪومت ۽ نئين سياسي پارٽي جي حوالي سان شيخ رشيد چيو ته اميد آهي ته 13 آگسٽ کان اڳ هي اسيمبليون ٽوڙينديون ته جيئن 60 ڏينهن جي بجاءِ 90 ڏينهن ۾ چونڊون ڪرائين. ناڻي واري وزير تي تنقيد ڪندي هن چيو ته ناڻي وارو وزير اسحاق ڊار معاشي انگن اکرن جي ٽيمپرنگ ۾ هيرا ڦيري جو ڪمال رکندو آهي.

بقايا 16 ***

قرضن ۾ تحريڪ انصاف 90 سيڪڙو واڌ ڪئي جنهن سان پاڪستان جا وسيلا گهٽجي ويا، گذريل حڪومت سي پيڪ کي به روڪيو، منصوبن تي ڪو به ڪم نه ٿي سگهيو آهي. خرم دستگير چيو ته 2019 ۾ آءِ ايم ايف سان ان وقت جي حڪومت سودو ڪيو پوءِ 2021 ۾ ان کي ٽوڙيو ويو عمران خان پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي تباهه ڪئي. گذريل حڪومت جي واعدن جي ڀڃڪڙي سبب ڪير به پاڪستان مٿان ڀروسي جي لاءِ تيار نه آهي. آءِ ايم ايف سان جيڪو معاهدو نه ٿي رهيو آهي ان جو سبب عمران خان جا آمريڪا مخالف بيان آهن. وفاقي وزير چيو ته بجيٽ ۾ سولر پينل ۽ خام مال تي به ڪسٽم ڊيوٽي ختم ڪئي وئي آهي. پهرين جولاءِ کان سولر پينل جي خام مال جي امپورٽ مفت ٿي ويندي. هن چيو ته ٿر هاڻ خواب نه پر حقيقت آهي اسان هاڻ اتان کان بجلي پيدا ڪري رهيا آهيون. نيوڪليئر کان به بجلي پيدا ڪئي پئي وڃي. بجلي جي قيمت ۾ ڪابه واڌ نه ڪئي وئي آهي اسان ان کي روڪي رکيو آهي. بجلي جي ورهاست ۾ اڳڀرائي ٿي آهي. اهو سڀ ڪجهه جنهن کي گذريل حڪومت مفلوج ڪري ڇڏيو هو اهو به هاڻ هلي رهيو آهي.

بقايا 17 ***

ٽي چار ريفرنسز نيب ڏانهن واپس ڪري ڇڏيا جن ۾ اڳوڻي صدر آصف زرداري خلاف هڪ ريفرنس به شامل آهي. آصف زرداري جي وڪيل فاروق ايڇ نائيڪ ٻڌڻي دوران دليل ڏنا ته نيب قانون ۾ ترميم کان پوءِ اهو ريفرنس عدالت جي اختيار ۾ نٿو اچي ان ڪري احتساب عدالت ريفرنسز تي ٽرائل نٿي هلائي سگهي. عدالت اڳوڻي صدر آصف زرداري، فريال ٽالپر، حسين لوائي ۽ ٻين خلاف مني لانڊرنگ ريفرنس نيب ڏانهن واپس اماڻي ڇڏيو آهي. ان کان علاوه منظور قادر ۽ ٻين جوابدارن خلاف پلاٽ الاٽمينٽ ريفرنس بلال شيخ ۽ ٻين خلاف سنڌ بينڪ ريفرنس جڏهن ته جعلي بينڪ اڪائونٽس جو پنڪ ريزيڊنسي ريفرنس به نيب ڏانهن واپس اماڻي ڇڏيو آهي.

بقايا 18 ***

ڌوهارين جي اطلاع تي ال آصف اسڪوائر پرسان پهتا هئا ته ان ئي دوران موٽر سائيڪل سوار جوابدارن مٿن فائرنگ ڪري ڏني. پوليس اختيارين ٻڌايو ته جوابدارن سان مقابلي ۾ ٻه اهلڪار شهيد ٿيا. جن جي سڃاڻپ رحمت ۽ حڪيم جي نالن سان ٿي آهي ايس ايس پي ايسٽ موجب ٻئي شهيد پوليس اهلڪار سهراب گوٺ ٿاڻي ۾ مقرر هئا.

بقايا 19 ***

لک 94 هزار 830 رپين جو ٿي ويو آهي. هوڏانهن عالمي مارڪيٽ ۾ سون جو قدر 4 ڊالر گهٽجڻ سان 1961 ڊالر في اونس آهي.

بقايا 20 ***

اسٽيشن جي ايس ايڇ او کي معطل ڪري ڇڏيو آهي، واقعي جي وڊيو سوشل ميڊيا تي گردش ڪري رهي آهي جنهن ۾ پوليس جي بڪتربند گاڏي آڏو هڪ شخص جو لاش پيل آهي.

بقايا 21 ***

ڏيکارڻ وارا آهن. ميئر جي چونڊ کان اڳ قانون ۾ ترميم ڪئي وئي، اسان ترميم خلاف ڪيس داخل ڪيو. اسان کي يقين آهي ته عدالت ان ترميم کي رد ڪندي. حافظ نعيم الرحمان جو چوڻ آهي ته هي اليڪشن نه آهي. ڌانڌلي جو سلسلو هلي رهيو آهي. جيڪي به ڪندا سڀ ناڪام ٿيندا. اليڪشن ڪميشن وٽ هڪ موقعو آهي ته هو پنهنجي ساک بحال ڪري. هن وقت پيپلز پارٽي مڪمل ڪنٽرول ۾ آهي امير جماعت اسلامي ڪراچي چيو آهي ته ماڻهن جي گمشدگي جا ذميوار ادارا آهن. ڪا به جاءِ ناهي جتي ڪين انصاف ملي سگهي. اسان پنهنجي چونڊيل ماڻهن سان رابطا وڌائي رهيا آهيون. هن وقت پيپلز پارٽي اليڪشن ڪميشن کي يرغمال بڻائي رهي آهي. . ٽي وي آهيسندس چوڻ آهي ته 1977ع ۾ به پيپلز پارٽي اقليت کي اڪثريت ۾ تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. 1971ع ۾ ملڪ ٽوڙيو پر مينڊيٽ کي تسليم نه ڪيو وفاق کان وسيلا ته حاصل ڪيا پر اهي مقامي نمائندن کي نه ڏنا ويا. ٻه اڍائي سال گذري ويا، چونڊون نه ٿيون، پوءِ به اسان مقابلو ڪندا رهياسين. حافظ نعيم الرحمان چيو ته ڪراچي ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف ۽ جماعت اسلامي 9 لک ووٽن سان اڳتي آهن. جڏهن ته پيپلز پارٽي 3 لک ووٽن سان ٽئين نمبر تي آهي، ان ڳالهه جو اعتراف آهي ته هن وقت ماڻهن جي زمينن تي قبضو ڪيو پيو وڃي.

بقايا 22 ***

بس سروس لاءِ 6.1 ارب رپيا رکيا ويا آهن، ٽرانسپورٽ مينٽيننس جي مد ۾ به ارب رپيا رکيا ويا آهن. 500 هائبرڊ بسن جي خريداري لاءِ 10 ارب رپيا رکيا ويا آهن. هن جو چيو ته سنڌ سيڪريٽريٽ جي ملازمن کي سفري سهولت ڏني وئي آهي. نون روٽن تي 60 ڪروڙ رپيا رکيا ويا آهن. گرين لائن منصوبي جو ڪوريڊور 3.88 ڪلو ميٽر آهي. گرين لائن سان 50 هزار مسافر روز سفر ڪري سگهندا. ريڊ لائن جي ٽرد جنريشن سسٽم تي 78.38 ارب رپيا لاڳت ايندي. روز 250 بائيو هائبرڊ بسن تي ساڍا 3 لک مسافر سفر ڪري سگهندا.

بقايا 23 ***

روايتي سرمائيداراڻي، وياج ۽ قرض جي معيشت قرار ڏيندي چيو آهي ته حڪومت جي وعدي جي برعڪس ٽيڪسن سان ڀرپور بجيٽ آهي. گذريل سال ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي جي مقابلي ۾ 21 فيصد مهانگائي جي شرح ٻڌائڻ کل جوڳو آهي. دعون جي ابتڙ حڪومت عام ماڻهو کي رليف ۽ عوام دوست بجيٽ جي مقابلي ۾ عوام دشمن بجيٽ پيش ڪري صنعتڪارن، واپارين ۽ ملازمت پيشه ماڻهن کي سخت مايوس ڪيو آهي. صوبائي امير وفاقي بجيٽ تي پنهنجو ردعمل پيش ڪندي وڌيڪ چيو ته موجوده معاشي صورتحال کان مايوس ٿي قابل ۽ هنرمند پاڪستاني ملڪ ڇڏي ٻاهر پيا وڃن گذريل سال پاڪستان کان ٻاهر ويندڙ ماڻهن جي شرح ۾ 200فيصد اضافو ٿيو K.4 منصوبي جي تڪميل لاءِ 135 ملين بدران 17 ملين رقم رکي وئي جنهن کان پوءِ اهو منصوبو ڇهن سالن بدران 10 سالن ۾ به جزي راس نه ٿيندو. اسان جي امپورٽ 60ارب ڊالر بدران 30 ارب ڊالر آهي حڪومت درآمدات گهٽائڻ لاءِ پرتعيش ۽ غيرضروري شين تي پابندي لڳائڻ لاءِ ڪي به قدم ناهن کنيا، صنعتن کي رعايت ڏيڻ بدران انهن تي ٽيڪس لڳائڻ، وياج جي شرح ۾ اضافو ۽ انفراسٽرڪچر بجلي، گيس ۽ پيٽرول جي قيمتن ۾ اضافي سان صنعتون ۽ ڪارخانا بند ٿيڻ جي ڪري وڏي انگ ۾ ماڻهن جي بيروزگار ٿيڻ جو خطرو وڌي ويو آهي. ڏيڍ سال ۾ آئي ايم ايف جي سخت شرطن تي عمل ڪرڻ باوجود قرض ڏيڻ ۾ حيلا بهانا ڪيا پيا وڃن. جڏهن اسان آءِ ايم ايف جي امداد کان بنا بجيٽ پيش ڪري ڇڏي آهي ته پوءِ اسان کي آئنده آءِ ايم ايف کان جند ڇڏائي پنهنجي پيرن تي بيهڻ گهرجي. وياج وارن قرضن کان معيشت کي پاڪ ڪرڻ سان عوام جي فلاح تي وڏي رقم خرچ ڪري سگهجي ٿي، پاڪستان پرڏيهي قرضن جي ادائيگي ۾ ڊفالٽ جو خطرو اڃان ٽريو ناهي. پر ان باوجود حڪومت غير ترقياتي بجيٽ گهٽائڻ بدران اضافو ڪري ڇڏيو ۽ حڪومتي آمدني ۾ اضافي لاءِ 223 ارب جا نوان ٽيڪس لڳايا ويا آهن. ملڪ ۾ بجلي جو بحران حل ڪرڻ لاءِ وڏن ڊيمن جي تعمير لاءِ 100 ارب رپين جي رقم به ناهي رکي وئي جنهن سان توانائي وارو بحران وڌيڪ سنگين ٿيڻ جو خطرو آهي. 2018ع تائين ملڪ 28 هزار ارب رپين جو قرضي هو جڏهن ته هن سال 15 ارب قرض حاصل ڪري هزار58 ارب تائين وڃي پهتو آهي. صوبائي امير مطالبو ڪيو ته حڪومت پنهنجي عياشين ۽ ٺٽ ٺاٽ کي ختم ڪري سادگي اختيار ۽ غير ترقياتي خرچن کي گهٽائي9200 ارب ٽيڪس آمدني جي دعويٰ ڪئي وئي آهي جڏهن ته معاشي ماهرن جو خيال آهي ته ايف بي آر جي وصولين ۾ انتظاميه اربين رپين جون گهوٻيون هئي ٿي ان کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ قدم کنيا وڃن ته عوام مٿان مڙهيل ٽيڪس جو بار ڪنهن حد تائين گهٽائي سگهجي ٿو. تعليم ۽ صحت واري شعبي جي حالت خراب، اڍائي ڪروڙ ٻار تعليم کان محروم ٿي جهالت واري زندگي گذارڻ تي مجبور جڏهن ته سرڪاري اسپتالن ۾ مٽي جي سور جي گوري ٽوڙي ڪتي چڪ جي ويڪسين به اڻ لڀ هوندي آهي ان صورتحال ۾ بهتري آڻڻ لاءِ حڪومت ڪابه ٺوس منصوبابندي ناهي ڪئي. پيٽروليم مصنوعات جون قيمتون عالمي منڊي مطابق آڻڻ بدران ڪجهه رپين جي گهٽتائي عوام سان مذاق آهي انڪري بجيٽ ۾ پيٽروليم مصنوعات، گيس ۽ بجلي جي قيمتن ۾ گهٽتائي جو اعلان ڪيو وڃي. سيلاب جي ڪري ٻاهرين ملڪن کان ملندڙ امدادي رقم جي استعمال جا انگ اکر بجيٽ ۾ ڏيکارڻ گهرجن ها. ڊيري، پولٽري ۽ زرعي جنسن جي پيداواري لاڳت تي ٽيڪس گهٽايو وڃي ته جيئن عوام کي سستيون شيون ملي سگهن. ڊالر کي سٽي بازن جي رحم تي نه ڇڏيو وڃي جو ته ان سان پوري معيشت ويهي ٿي رهي. روزاني واهپي وارين شين تي ٽيڪس کي گهٽائي عام ماڻهن جي قوت خريد کي بهتر ڪرڻ لاءِ قدم کنيا وڃن. ذخيره اندوزي، ناجائز منافعي خوري خلاف قانون کي موثر طريقي سان نافذ ڪيو وڃي ته جيئن عام ماڻهو سُک جو ساهه کڻي سگهن

بقايا 24 ***

آهي. بجيٽ دستاويز موجب ڊيوٽي اسٽيشن کان ٻاهر سرڪاري سفر ۽ رات جي ڊيلي الائونس ۽ مائليج الائونس ۾ 50 سيڪڙو واڌ ڪئي وئي آهي. ان کانسواءِ ايڊيشنل چارجز، ڪرنٽ چارج، ڊيپوٽيشن الائونس ۾ 50 سيڪڙو واڌ ڪري 12 هزار رپين مان وڌائي 18 هزار رپيا ڪيو ويو آهي. آرڊرلي الائونس کي وڌائي 25 هزار رپيا ڪيو ويو آهي. اسپيشل ڪنوينس الائونس ۾ 100 سيڪڙو واڌ ڪري چار هزار رپيا ڪيو ويو آهي ملٽري جي ڪنسٽنٽ اٽينڊ الائونس کي 7 هزار رپين مان وڌائي 14 هزار، جڏهن ته مجاز پينشنرز جي ڊرائيور الائونس کي 14 هزار رپين مان وڌائي 21 هزار رپيا ڪيو ويو آهي.

بقايا 25 ***

جڏهن ته ترقياتي بجيٽ 200 ارب رپين جي لڳ ڀڳ ٿي سگهي ٿي، ذريعن جو چوڻ آهي ته بجيٽ ۾ 5 هزار کان وڌيڪ نوڪريون ڏيڻ ۽ سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۾ 30 سيڪڙو واڌ جي تجويز شامل آهي، ايندڙ بجيٽ ۾ بلوچستان جي پنهنجي وسيلن مان آمدني جو تخمينو 60 ارب 32 ڪروڙ رپيا آهي. اين ايف سي ايوارڊ تحت ورهايل آمدني ۽ ٻين ذريعن مان آمدني جو ڪاٿو 413 ارب رپيا آهي. ذريعن موجب ايندڙ مالي سال جي بجيٽ ۾ تعليم لاءِ 90 ارب رپيا رکڻ جي تجويز آهي. جڏهن ته امن امان لاءِ 60 ارب رپيا ۽ صحت لاءِ 50 ارب رپيا رکڻ جي تجويز آهي.

بقايا 26 ***

پنهنجي ماءُ جي موت جو ڪوڙ ڳالهايو جوابدار جي سڃاڻپ سنجي ڪمار جي نالي سان ٿي آهي. جيڪو پٽنا جو رهواسي آهي. سنجي ڪمار ريلوي واري وزير سان به ملڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ريلوي هيڊ ڪوارٽرز وڃي ڪيس ملازمت ڏيڻ جو به چيو. سنجي ڪمار چيو ته ٽرين حادثي ۾ منهنجي ماءُ فوت ٿي وئي، مون کي امدادي رقم ڏني وڃي ۽ ريلوي ۾ ملازمت به ڏني وڃي. جڏهن اختيارين سنجي ڪمار کان تفصيل گهريا ته هو فراهم نه ڪري سگهيو، ايتري تائين جو هو پنهنجي ماءُ جي ٽرين جي ٽڪيٽ جا تفصيل به نه ڏئي سگهيو، جڏهن معاملو پوليس وٽ پهتو ۽ جاچ ڪئي وئي ته جوابدار اعتراف ڪيو هو امدادي رقم جي لالچ ۾ ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهي. سندس ماءُ ته 2018 ۾ ئي فوت ٿي چڪي آهي. واضح رهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ هڪ عورت امدادي رقم جي لالچ ۾ ٽرين حادثي ۾ پنهنجي مڙس جي مرڻ جو ڪوڙ ڳالهايو هو. جنهن تي مڙس سندس خلاف پوليس کي رپورٽ ڏني هئي.

بقايا 27 ***

علائقي ۾ موجود ميزائل ٺاهيندڙ فيڪٽري ۾ اوچتو ڌماڪو ٿيو ۽ سڄي علائقي ۾ دونهين جا ڪڪر ڇانئجي ويا. ڌماڪي سان ويجهين عمارتن جا شيشا به ٽٽي پيا. اختيارين جو چوڻ هو ته ڌماڪي جي نوعيت بابت هن وقت ڪجهه چوڻ ڏکيو آهي. ڪيترا ماڻهو فيڪٽري جي تباهه ٿيل حصي جي ملبي هيٺ دٻيل آهن جڏهن ته 5 ڄڻا مارجي ويا آهن. حادثي واري هنڌ فائر برگيڊ ۽ امدادي ٽيمون پهچي ويون آهن ۽ امدادي ڪارروايون جاري آهن. فيڪٽري جي ويجهن گهرن کي خالي ڪرايو ويو آهي.

بقايا 28 ***

جسٽس آف پاڪستان جسٽس عمر عطا بنديال جي صدارت هيٺ جوڊيشل ڪميشن جو اجلاس 14 جون تي ٿيندو ذريعن موجب جوڊيشل ڪميشن جي اجلاس ۾ پشاور هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس مسرت هلالي جي سپريم ڪورٽ ۾ مقرري تي غور ڪيو ويندو ذريعن موجب سپريم ڪورٽ جي سينيئر ترين جج جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جسٽس مسرت هلالي جو نالو تجويز ڪيو آهي هن خط ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جو نالو به تجويز ڪيو.

بقايا 29 ***

پهريون پيرو ايئر ٽيڪسي سروس شروع ڪرڻ لاءِ معاملا آخري مرحلي ۾ داخل ٿي ويا آهن. جنهن لاءِ ٻه جديد جهاز ڪراچي پهچي ويا آهن. عمران اسلم موجب ايئر ٽيڪسي سروس استعمال ڪرڻ لاءِ آن لائن ايپليڪيشن به ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ دستياب ٿي ويندي ۽ ان سروس ذريعي ملڪ جي ڏورانهن علائقن ۾ ايمرجنسي ٽرانسپورٽ به ممڪن ٿي ويندي. اسڪائي ونگز ايوي ايشن جي سي اي او عاصم نواز ميڊيا کي ٻڌايو ته ايئر ٽيڪسي ذريعي هوائي اڏن تي جهازن کي لينڊ ۽ ٽيڪ آف ڪرڻ ممڪن بڻايو ويندو جڏهن ته ايئر ٽيڪسي سروس باضابطا طور تي 18 جون تي شروع ڪئي ويندي. عاصم نواز موجب آن لائن ايئر ٽيڪسي سروس اڌ قيمت تي فراهم ڪئي ويندي. انٽرنيشنل ڪمپنيون به ڪاروبار ۾ شامل ٿيڻ لاءِ رابطو ڪري رهيون آهن. شروعاتي طور تي ايئر ٽيڪسي سروس پاڪستان جي 9 ايئرپورٽن لاءِ هلائي ويندي، پرائيويٽ ايئرپورٽن کان علاوه رحيم يارخان ۽ بلوچستان ۾ به ڪجهه وقت لاءِ ان سروس کي سڄي ملڪ ۾ ڦهلايو ويندو. آن لائين ٽيڪسي سروس ذريعي سڪيورٽي مسئلن سبب هڪ درجن واپاري ۽ ٻيا ماڻهو بلوچستان سميت مختلف علائقن ڏانهن سفر ڪري سگهندا.

بقايا 30 ***

واپس ورتو وڃي، 10 مئي تي پنجاب صوبي ۾ فوج جي مقرري جو حڪم جاري ڪيو ويو

بقايا 31 ***

وڌائڻ جو به اعلان ڪيو بجيٽ ۾ تعليم جي لاءِ 312.245 ارب روپيه رکيا ويا آهن. جيڪي گذريل سال جي مقابلي ۾ 7 سيڪڙو وڌيڪ آهن. هلندڙ سال تعليم کاتو ڀرتين جو سال رهيو آءِ بي اي تحت 58 هزار پرائمري ۽ مڊل استاد ڀرتي ڪيا ويا. سمورن استادن جي مقرري کان اڳ تربيت. شرح جي پاليسي تحت اسڪولن ۾ مقرر ڪيو ويو تعليم کي وڌيڪ مضبوط بنائڻ لاءِ 2 هزار 582 استادن جون جڳهيون پيدا ڪيون ويون آهن. وڏي وزير چيو ته نون ڀرتي ٿيل استادن کي گريڊ 9 کان 14 ۾ اپ گريڊ ڪيو ويندو. 27 پرائمري اسڪولن کي مڊل اسڪو ۽ مڊل اسڪولن کي سيڪنڊري اسڪولن جو درجو ڏنو ويو. 150 اسڪولن کي هائر سيڪنڊري اسڪولن ۾ اپ گريڊ ڪيو ويندو. 846 ملين روپين جي لاڳت سان 892 نئين نوڪرين جي منظوري ڏني ويندي، وڏي وزير ٻڌايو ته امن امان لاءِ گذريل سال 124.87 ارب روپين جي مقابلي ۾ موجوده بجيٽ ۾ وڌيڪ 15 سيڪڙو واڌ ڪئي وئي آهي، ايندڙ مالي سال ۾ امن امان لاءِ 143.568 ارب روپيه رکيا ويا آهن امن امان جي صورتحال بهتر ڪرڻ لاءِ 15.5 ملين روپيه پرائزن پاليسي اينڊ مينجمينٽ بورڊ لاءِ رکيا ويا آهن. جيل کاتي جي عملي ۾ واڌ لاءِ اسان 463.414 ملين ۽ سنڌ پوليس جي بهتري لاءِ 2.796 ارب روپيه ملٽري گريڊ هٿيارن جي خريداري لاءِ رکيا آهن بجيٽ پيش ڪرڻ دوران وڏي وزير چيو ته سنڌ جي معيشت جو دارومدار زراعت تي آهي. گذريل سال جي برساتن ۽ ٻوڏ سبب وڏو نقصان ٿيو ٻوڏ دوران تيار ٿيل زمينن ۽ فصلن کي تمام گهڻو نقصان پهتو زراعت سان جڙيل ماڻهن جو وڏو انگ بيروزگار ٿي ويو هارين کي 1258 زرعي اوزار 50 سيڪڙو سبسڊي تي ڏنا ويندا. + 41 ريگولر ۽ سولر پاور ٽيوب ويل رعايتي اگهن تي ڏنا ويندا. 10 ڪولڊ اسٽوريج يونٽ لڳايا ويندا. جڏهن ته ٿرپارڪر ۾ زمين اندر 25 سولر پمپ لڳايا ويندا.

ڪُهي سو ڪَرَ لَهي، ڪوني سو قَريبُ؛
اِها عادتَ سِڪيو، هَر زَمان حبيبُ؛
تِجي سو طبيبُ، سوئي راحتَ رُوحَ جِي.

ترقي پسنديت فلسفو

ڊاڪٽر محمد الياس پٽو

ترقي پسنديت (Progressivism) فلسفو روايتي ۽ فرسوده سوچن، نظامن، قدرن، روين ۽ عملن کان بغاوت ۽ اڻ ڏٺين مشاهدن، تجربن ۽ انهن جي بنياد تي نئين ۽ بهتر سوچن، نظامن، قدرن، روين ۽ عملن کي ترجيح ڏيندڙ فلسفو آهي. هي ابتدائي طور تي آمريڪا ۾ اوڻيهين صديءَ جي آخر ۽ ويهين صديءَ جي شروع (1890_ 1920ع) دوران هڪ سياسي ۽ سماجي تحريڪ طور اڀريو. هن تحريڪ جو بنيادي مقصد صنعتي انقلاب دوران معاشري ۾ پيدا ٿيندڙ سرمائيدار ۽ مزدور طبقن جي وچ ۾ سماجي، معاشي ۽ سياسي تفريق ۽ عدم توازن جو خاتمو هو يعني طبقاتي انصاف ۽ برابري هن جا اهم مقصد هئا. هتي اسان معاشري کي هن جهنجهوڙيندڙ ۽ تبديل ڪندڙ فلسفي جي ابتدا، حامين، تاريخي پسمنظر، اهم نڪتن، تنقيد ۽ نتيجي بابت ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

باني ۽ حامي: ترقي پسنديت کي ڪنهن هڪ فيلسوف يا ڏاهي جي ڄاڪوڙ تائين محدود نٿو ڪري سگهجي پر پوءِ به آمريڪا جي تناظر ۾ ان جي ابتدائي بنياد رکندڙن ۽ پيروڪارن ۾ ميڊم جين ايڊمس Jane Addams، آمريڪا جي صدرن ٿيوڊور روزويلٽ، ووڊرو ولسن، آمريڪي ڪانگريس جو نمائندو ۽ گورنر رابرٽ ايم لا فوليٽ، آمريڪا جو مشهور ناول نگار اپٽن سنڪليئر ۽ ٻيا رهيا آهن. هن جي حامين جو هن ڳالهه تي اتفاق رهيو آهي ته سماج ۾ مثبت تبديلي فقط سياسي ۽ سماجي اصلاحات وسيلي آڻي سگهجي ٿي. ترقي پسند اها گهر ڪندا رهن ٿا ته وقت جي سرڪار ۽ حڪومت کي سرمائيدارن جي مذموم مقصدن جي خلاف ۽ نظرانداز ٿيل طبقن ۽ اقليتن جي انصاف ۽ برابري لاءِ ٺوس ۽ مضبوط قدم کڻڻ گهرجن.

تاريخي پسمنظر:

ترقي پسنديت جي تحريڪ آمريڪا ۾ اوڻيهين صديءَ جي آخري ڏهاڪي (1890ع) ۾ صنعتي انقلاب دوران شهري علائقن ۾ وڌندڙ صنعتن ۽ مشينن جي رجحان سبب پيدا ٿيندڙ سماجي، معاشي ۽ سياسي اڻبرابري جي رد عمل طور اڀري. ان دور ۾ ٻهراڙين جا هاري ۽ شهرن جا مزدور سياسي ۽ سماجي اڪيلائي جو شڪار ٿي ويا، ڇو ته ريل جا رستا ۽ سهولتون ٻهراڙين تائين ميسر نه هئا، سينيٽر سڌي ريت چونڊيا نه ويندا هئا ۽ صنعتڪارن تي باقاعده ۽ مناسب ٽيڪس لاڳو نه هو ۽ نه وري شهري صنعتن ۾ ڪم ڪندڙ مزدورن جي حالت بهتر هئي. انهن سببن جي ڪري ان وقت جا سڄاڻ ڏاها اها ڳالهه پلي پٽ محسوس ڪري رهيا هئا ته ڳوٺن ۽ ٻهراڙي جي زندگي ۽ علائقا سوڙها ٿي رهيا هئا.

شهري ۽ صنعتي علائقا ۽ زندگي تيزي سان وڌي رهيا هئا، ۽ نائي ۽ منافعي جو گهڻو حصو صنعت سازي ۽ مشيني دور جي سرمائيدارن جي ننڍي ٽولي جي چند هٿن ۾ گڏ ٿي رهيو هو. جڏهن ته صنعتن ۾ ڪم ڪندڙ مزدورن جي زندگي صنعتن تائين ۽ ماني، جي ٻن ويلن تائين محدود بڻجي چڪي هئي. ان ڪري ترقي پسندن تيزي سان وڌندڙ شهري آبادي يعني ٻهراڙين کان شهرن طرف ماڻهن جي تيزي سان لڏپلاڻ ڪرڻ، شهرن ۽ صنعتي علائقن ۾ مزدورن کي وڌيڪ مشقت جي بدلي ۾ گهٽ اجرت ملڻ، مزدورن جي محنت سان جڙيل سرمائي جو تمام وڏو حصو چند صنعتڪارن ۽ سرمائيدارن جي هٿن ۾ لاڳيتو گڏ ٿيندو رهڻ جهڙين سماجي اڻبرابرين ۽ ناانصافين کي پنهنجو ڏيڻ ۽ هڪ بهتر سماج جي قيام لاءِ ترقي پسنديت تحريڪ جو آغاز ڪيو. جيڪا آمريڪا ۾ اوڻيهين صدي جي آخري ڏهاڪي کان ويهين صدي جي ٻئين ڏهاڪي (1890_ 1920ع) تائين جاري رهي.

مٿئين عرصي دوران هن فلسفيانه تحريڪ جي نتيجي ۾ مزدورن جي حقن، عورتن سان ٿيندڙ ظلمن ۽ ناانصافين، ٻارن ۽ معصومن جي جبري پورهئي بابت اصلاحات عمل ۾ آيا؛ جهڙوڪ شيرمين (Sherman)۽ ڪليٽن (Clayton) جا اينٽي ٽرسٽ ايڪٽس 1890ع ۽ 1914، خالص کاڌي ۽ دوائن جو ايڪٽ (Pure Food and Drug Act)، صارفين جي تحفظ (consumer protection)۽ وفاقي انتظامي ايجنسين (federal regulatory agencies) جو قيام عمل ۾ آيا. ان کانسواءِ مزدورن جي ڪم واري جاءِ تي زندگيءَ جي حفاظت ۽ حفظان صحت جي اصولن تي عمل، سندن ٻارن جي صحت، تعليم ۽ تفريح لاءِ جوڳا بندوبست ڪرڻ وغيره هن تحريڪ جا نتيجا هئا.

موجوده دور جي جيڪڏهن ڳالهه ڪجي ته معاشري جي اقليتي ۽ نظرانداز ٿيل طبقن جهڙوڪ صفائي سٿرائي سان واسطو رکندڙ هيٺين درجي جي ملازمن ۽ مختلف جنس رکندڙ فردن LGBTQ (ليسبين يا عورت همجنس پسند، گي 'Gay' يا مرد همجنس_پسند، باءِ سيڪسيوئل يا ٻنهي جنس وارا، ٽرانسجينڊر يا نامڪمل مرد/عورت؛ ڪئير Queer يا هن قسم جي سڀني ماڻهن لاءِ هي لفظ استعمال ٿيندو هو پر ان جي ناڪاري معنيٰ جي ڪري هاڻي گهڻو ڪري استعمال نه ٿو ٿئي) جي برابر انساني حقن بابت آواز اٿارڻ ۽ قانونسازي جو سهرو هن فلسفي ڏانهن وڃي ٿو ان کان سواءِ ٽوڙي جو رنگ جي بنياد يعني اڇي ڪاري جو فرق گهٽ ٿي چڪو آهي پر اهو مسئلو اڃا تائين توجهه طلب آهي. پڻ هن جي حامين سان واسطو رکي ٿو.

ترقي پسنديت جا اهم تصور ۽ اصول:

هي فلسفو ۽ نظريو ڪيترن ئي اهم تصورن ۽ اصولن تي ٻڌل آهي، جن مان اهم ترين هي آهن:

سماجي انصاف ۽ برابري: ترقي پسند سماج ۾ شفافيت، برابري ۽ انصاف کي سماجي ترقي جا بنيادي ڪڻ سمجهن ٿا، ان ڪري اهي لساني، قبائلي ۽ صنفي فرق ۽ برتري کي ختم ڪرڻ جا خواهان آهن. هر ڪنهن، خاص طور تي اقليتي ۽ ڏتڙيل طبقن لاءِ، سماجي برابري ۽ هڪجهڙو انصاف سندن بنيادي گهرجن آهن.

سرڪاري مداخلت ۽ سماجي ڀلائي: ترقي پسند هن خيال جا شديد حامي آهن ته حڪومتن کي گهرجي ته اهي سماجي مسئلن جي حل لاءِ ترت اپاءَ وٺن. ان جو مطلب اهو آهي ته صنعتن مٿان حڪومت جي ڪڙي نگراني هجي يعني صنعتڪارن کي من ماني ۽ هڪ هٽي ڪرڻ بلڪل نه ڏني وڃي؛ انهن جي هر عمل لاءِ مناسب ۽ واضح قانون سازي ٿيل هجڻ گهرجي. مزدورن جي حقن جي حفاظت کي يقيني بڻائڻ گهرجي. مزدورن کي درڪار بنيادي سهولتن جي فراهمي يقيني بڻائجي ۽ انهن جي صحت ۽ تندرستي کي اولين حق طور تسليم ڪرڻ گهرجي. ٻين لفظن ۾ هي نظريو ملازمن ۽ مزدورن ۽ انهن جي ٻارن ۽ گهر ڀاتين جي رهائش، صحت، تعليم، تفريح ۽ ڀرپور معاشرتي زندگي جا جوڳا موقعا فراهم ڪرڻ تي زور ڏئي ٿو.

سياسي اصلاحات ۽ سماجي سرگرمي: هي فلسفو ادارن ۽ صنعتن ۾ ملازمن ۽ مزدورن کي پنهنجن حقن، سماجي تبديلي لاءِ، آواز اٿارڻ ۽ انهن جي حاصلات لاءِ ٽوڙي طاقتور ڌرين جي ظاهر ۽ لڪل استحصالي هٿڪنڊن خلاف جاکوڙڻ ۽ صنعت اندر ٽوڙي ان کان ٻاهر سماجي تنظيم سازي ڪرڻ، اهڙين تحريڪن جو بنياد وجهڻ يا انهن جو حصو بڻجڻ جو اتساهيندڙ آهي.

عمل پسنديت جو رجحان: هن جا حامي خالص نظرياتي ۽ خيالي دنيا جي بحث مباحثن بدران مشاهداتي ثبوتن ۽ نتيجا ڏيندڙ عملن يعني سائنسي طرز فڪر ۽ طرز عمل تي وڌيڪ ڀاڙيندڙ آهن ته جيئن معاشري ۾ حقيقي تبديلي ۽ ترقي جٺي نموني ظاهر ٿئي ۽ هر ڪنهن کي نظر اچي.

تنقيد:

ترقي پسنديت کي ڪيترن ئي پهلوئن کان تنقيد جو نشانو بڻايو ويندو آهي. اڪثر تنقيد نگارن جو خيال آهي ته حڪومت جي هر ڳالهه ۽ هر شعبي تي غير ضروري مداخلت معاشي ترقي ۾ رڪاوٽ جو سبب بڻجي ٿي، خانگي شعبي اندر خطرن سان کيڏندڙ ۽ پنهنجي موڙي کي جديد شعبن ۾ سيڙائيندڙ نوجوانن کي دل شڪستو ڪري ٿي ۽ انفرادي آزادي ۾ رڪاوٽ پيدا ڪري ٿي. ٻيو ته ان سان آزاد ۽ مقابلي واري مارڪيٽ جي فروغ جو امڪان نه هوندو آهي. ان کان سواءِ هر شعبي ۾ سرڪاري مداخلت اشرافيا يا آفيسر شاهي ۾ ڳاڙهي ڦيتي جو رجحان يا جائز ڪم کان هر پهرو ٽال مٽول جو سبب بڻجي سرڪاري ادارن ۾ ڪاهلي ۽ نااهلي کي هٽي ڏئي ٿي. ڪجهه نقاد اهو پڻ شڪ ڏيکاريندا آهن ته ترقي پسند مخصوص نظرين ۽ عقيدن جي حمايت يا مخالفت ۾ غير متوقع نتيجن جي دور انديشي کان پتڪيل رهندا آهن. بنياد پرست وري هن فلسفي کي روايتي قدرن ۽ مذهبن لاءِ خطري جي گهنٽي ڄاڻيندا آهن. اهي هر ڳالهه حڪومت جي ڪاتي ۾ رکڻ کي ذاتي خود انحصاري ۽ انفرادي صلاحيتن جي فروغ لاءِ هاڃيڪار تصور ڪن ٿا. جيتوڻيڪ ترقي پسند پاڻ ڪابي ڌر جا سڏائڻ پسند ڪندا آهن پر ڪجهه کابي ڌر جا نقاد ان ڏانهن پڻ اشارو ڪن ٿا ته ترقي پسنديت سماج جي بناوٽي اڻبرابرين کي اوترو نه ٿي للڪاري، جيترو للڪارڻ گهرجي. ان ڪري اهي روايتي ترقي پسندن کي سرمائيدارن جو آلهِ ڪار سمجهندا آهن.

نتيجو:

ترقي پسنديت (Progressivism) فلسفو روايتي، گسيل ۽ فرسوده سوچن، نظامن، قدرن، روين ۽ عملن کان بغاوت ۽ اڻ ڏٺين مشاهدن، تجربن ۽ انهن جي بنياد تي نئين ۽ بهتر سوچن، نظامن، قدرن، روين ۽ عملن کي ترجيح ڏيندڙ فلسفو آهي. صنعتي انقلاب جي ڪري پيدا ٿيندڙ مزدورن، ڪمزورن ۽ ڏتڙيل طبقن جي ڪمزور سماجي، معاشي ۽ سياسي صورتحال جي تناظر ۾ ويهين صدي ۾ عروج تي پهچندڙ ترقي پسنديت جديد معاشري جي تشڪيل ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ اڄ تائين سياسي ۽ سماجي بحث مباحثن ۾ ان جو پڙاڏو ٻڌڻ ۾ اچي رهيو آهي. هن جو سماجي انصاف، ڏتڙيل طبقن سان برابري تي زور، واپار ۽ بزنس تي سرڪاري مداخلت ۽ جمهوريت کي هٿي ڏيڻ جهڙن تصورن، روين ۽ جدوجهدن جي ڪري مزدورن، ڏتڙيلن ۽ مظلومن جي ڀلائي ۽ بهتر سماجي زندگي جي عڪاسي ڪندڙ جديد فلاحي رياستن جو قيام عمل ۾ آيو آهي.

ٻئي پاسي جتي جمهوريتون مضبوط نه آهن ۽ حڪمران بدعنوان آهن، اتي هر معاملي ۾ حڪومتي مداخلت ۽ قانونسازي سرڪاري ادارن ۾ ڳاڙهي ڦيتي يعني ڪاهلي ۽ نااهلي کي هٿي ڏني آهي. پر اهو طئي آهي ته ترقي پسنديت جو فلسفو ڌرتيءَ تي ايستائين موجود ۽ اثرائتو رهندو، جيستائين سماج جي مختلف طبقن سان ناانصافي، اڻبرابري ۽ استحصال جاري رهندو.

بقايا سنڌيار 01

۾ اعجاز احمد ڪاڪيپوٽو بشير احمد لاشاري، رياض احمد سومرو، محمد قاسم ڪوسو، محمد زاهد آرائين، محمد علي، نور محمد ٽالپر، محمد يونس وسڻ، علي محمد لاڪير، شمس الحق ابڙو، اعجاز ممنائي ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته تنظيم جي ميمبرشپ وارو رهيل ڪم فوري طور پورو ڪري رجسٽريشن وارو ڪم مڪمل ڪيو ويندو ان سان گڏ سڄي سنڌ جو دورو ڪري پيراميڊيڪل اسٽاف اندر بيداري مهم هلائيندي ويندي ته جيئن سروس اسٽرڪچر ۽ ٽائيم اسڪيل واري رهيل ڪم کي عملي جامو پهرائي سگهجي پران جي لاءِ شرط اهو آهي ته ٻڌي، جو دامن هٿان نه وڃائجي اجلاس ۾ صوبائي صدر خادم حسين مستوئي جي والده ۽ سنڌ جي پيراميڊيڪل اسٽاف جي مرحومين لاءِ دعا گهري وئي.

بقايا سنڌيار 02

هو جنهن جا ثبوت پڻ موجود آهن. هن چيو ته اسان خلاف ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي رهيا آهي ۽ پاڻ سارين جا واپاري آهيون اسان تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرايا پيا وڃن. اسان جو فيصلو ۽ انڪوائري ٿي آهي. فيصلي ۾ امين واضع طور منهنجي حق ۾ فيصلو آيو هو. هن چيو ته اتفاق رائيس مل ۾ مان پائيواري ڪئي هئي. سانول پيو سان ...

...

بقايا سنڌيار 21

ٻين ڏوهن جو پڻ اعتراف ڪري چورين قبول ڪري ورتون جڏهن ته پيروسڻ پوليس جو چوڻ آهي ته جوابدار مٿان ڪيس داخل ڪري ڪيس قانوني طور سزا ڏياري ويندي.

بقايا سنڌيار 22

قتل ڪيس اغوا ڦر چوري جي ڪيترن ڪيسن ۾ گهربل هو سکر پوليس باگڙجي جي ڪچي ۾ آپريشن ڪري رهي هئي ...

...

بقايا سنڌيار 08

پريل ٽرالر جيڪو بدين جي گولاڙچي کان رحيم يار خان اقبال آباد وڃي رهيو هو ته هنن پهريان گمبٽ لڳ ٽرالي ڊرائيور تي ...

...

ڊاڪٽر سجاد حسين چانڊيو پاران فارم جمع ڪرايا ويا آهن. جڏهن ته پي پي اميدوارن سامهون ضلعي چيئرمين طور ايس يو پي جي امير آزاد پنهور ۽ وائيس چيئرمين طور جي ڊي اي جي بشير احمد نوتڪاڻي فارم جمع ڪرايا آهن. بدين جي ميونسپل ...

...

بقايا سنڌيار 30

مشاعرو ڪوٺايو ويو جنهن ۾ سنڌ جي مشهور ناليوارن شاعرن سيد نور علي رضوي، شمس الدين ڪلوڙ، زاهد شيخ، اختر درگاهي، نوشاد علي جعفري، امام بخش منور، خالد پاٻڙ، آزاد عجيب منگي، سميع ...

روزاني سنڌيار کي نمائندا گهرجن

روزاني سنڌيار ڪراچي
ايڊيٽر اعجاز مغر
Reg No 2677
ABC Certified
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com

ڪينٽونمينٽ بورڊ ڪورنگي ڪريڪ

نيلامي براءِ اگارو جمعو ۽ آچر بچت بازار

هر عام ۽ خاص کي آگاهه ڪيو ٿو وڃي ته ڪينٽونمينٽ بورڊ ڪورنگي ڪريڪ اگارو، جمعو ۽ آچر بچت بازار جو عام نيلام براءِ مدت هڪ سال پهرين جولاءِ 2023 کان 30 جون 2024 تائين هوندي. عام نيلام تاريخ 19 جون 2023 صبح 10:30 وڳي هن آفيس ۾ منعقد ڪيو ويندو ڪنهن سبب جي ڪري بولي نه ٿيڻ جي صورت ۾ ٻيهر نيلامي تاريخ 20 جون 2023 صبح 10.30 وڳي ۽ ٻيهر به بولي نه ٿيڻ تي ٽيون ڀيرو تاريخ 21 جون 2023 صبح 10:30 وڳي تي ٿيندي خواهشمند ماڻهو / پارٽيون مقرر وقت تي بولي ۾ حصو وٺي سگهن ٿيون.

مختصر شرط هيٺ ڏجن ٿا

1. بولي ۾ حصو وٺندڙ مبلغ 30,00,000 روپيا (ٽيهه لک روپيا) ڪال ڊپازٽ/ پي آرڊر جي صورت ۾ بحق ڪينٽونمينٽ ايگزيڪيوٽو آفيسر ڪورنگي ڪريڪ جمع ڪرائڻا پوندا. جيڪي بولي جي پڄاڻي تي ناڪام بولي ڏيندڙن کي واپس ڪيا ويندا. بولي ڏيندڙ پاڻ يا پنهنجي قانوني مختار ڪار جي وصيت سان بولي ۾ حصو وٺي سگهي ٿو. سمورن بولي ڏيندڙن تي لازمي آهي ته اهو پنهنجو اصل سڃاڻپ ڪارڊ گڏ آڻين ۽ نيلامي کان اڳ سڃاڻپ ڪارڊ جي ڪاپي رابطي جو نمبر (موبائل نمبر) جمع ڪرائڻو پوندو
2. ڪامياب بولي ڏيندڙ کي حڪومت جي مقرر ڪيل شرح سان انڪم ٽيڪس ۽ ٻيا ٽيڪس/ چارجز جيڪو حڪومت طرفان هجي ادا ڪرڻا پوندا
3. ٺيڪي جي 1/4 حصو رقم جيڪا بولي جي پڄاڻي تي جمع ڪرائي ويندي. اها بطور سيڪيورٽي رکي ويندي ۽ ٺيڪي جي مدت ختم ٿيڻ تي ٺيڪيدار جي ذمي رهتون نه هجڻ جي صورت ۾ واپس ڪئي ويندي. بولي جي 24 ڪلاڪن ۾ 1/4 جمع نه ڪرائڻ جي صورت ۾ جمع ڪيل ڪال ڊپازٽ بحق ڪينٽونمينٽ بورڊ ضبط ڪئي ويندي ان کي ڪنهن به عدالت ۾ چئلينج ڪرڻ جو ڪو به حق نه هوندو وڌيڪ ٻئي نمبر تي ايندڙ بولي ڏيندڙ کي پهرين نمبر واري بولي جي برابر آڇ ڪئي ويندي جيڪا اها قبول ڪرڻ تي ٺيڪو ٻئي نمبر واري بولي ڏيندڙ کي ڏني ويندي ۽ باقي رقم مجاز اٿارٽي جي منظوري ڪانپوءِ جمع ڪرائڻي پوندي. ڪامياب بولي ڏيندڙ کي 12 عدد Post-dated چيڪس جمع ڪرائڻا پوندا ٻي صورت ۾ مجاز اٿارٽي کي ٺيڪورد ڪرڻ جو اختيار هوندو
4. ڪامياب بولي ڏيندڙ ڪنهن به اوچتو آفت، آنڌي، طوفان، برسات وغيره جي صورتحال کي ڏسندي جيڪڏهن ريليف جي درخواست ڪري ٿو ته بورڊ / مجاز اٿارٽي جي منظوري سان معاملا طئي ڪندو ان ضمن ۾ بورڊ ۽ مجاز اٿارٽي جو حڪم حتمي هوندو.
5. ڪينٽونمينٽ بورڊ ڪورنگي ڪريڪ جي رهتون نه ڀاريندڙ ڪينٽ بورڊ سان گڏ عدالتي ڪاروائي ۾ ملوث ماڻهن/ فردن / پارٽيون بولي ۾ حصو وٺڻ جا اهل نه هوندا.
6. ڪامياب ٺيڪيدار پنهنجو ٺيڪو ڪنهن ٻئي ٺيڪيدار کي ڪنهن به شڪل ۾ sub-let نٿو ڪري سگهي.
7. ڪامياب بولي ڏيندڙ کي بولي جي منظوري تاريخ کان 3 ڏينهن جي اندر اسٽامپ پيپر تي "تحريري معاهدو" لازمي ڪرڻو پوندو
8. پرڏيهي شهريت رکندڙ ماڻهو يا ڪو به اهڙو شخص يا ادارو جيڪو ڪنهن به صورت ۾ ڪينٽونمينٽ بورڊ يا ڪنهن به صوبائي يا وفاقي حڪومتي اداري مان بليڪ لسٽ (Black List) قرار ڏنو ويو هجي اهو نيلامي ۾ حصو وٺڻ جو حقدار نه هوندو.
9. امن ۽ امان ۽ عوام جي حفاظت ۽ سيڪيورٽي ڪامياب ٺيڪيدار جي ذميداري هوندي.
10. ڪامياب بولي ڏيندڙ بازار ۾ نظم ۽ ضبط کي قائم رکڻ ۽ جهيڙي جهڳڙي جي صورت ۾ پيش ايندڙ سموري صورتحال کي پاڻ سٺي طريقي سان حل ڪندو بازار جي ڏينهن صفائي جو انتظام به پاڻ ڪندو
11. ڪينٽونمينٽ ايگزيڪيوٽو آفيسر / بورڊ PPRA رول 34 جي تحت سبب ٻڌائڻ بغير ڪا به بولي منظور ۽ رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿو.
12. وڌيڪ شرط ڪينٽونمينٽ بورڊ ڪورنگي ڪريڪ کان آفيس وقت دوران ۾ معلوم ڪري سگهجن ٿا.

ڪينٽونمينٽ ايگزيڪيوٽو آفيسر
ڪورنگي ڪريڪ، ڪراچي

PID (K) NO.3541/2022